Website: dailysukaarkarachi.com ★★

ABC CERTIFIED

سائينم سدائين ڪرين متي سنڌ سُڪار (شاهہ)

رجسٽرڊ نمبر SS-1245

DAILY SUKAAR KARACHI

روزاني سُڪار ڪراچي

چيف ايڊيٽر: شفيق احمد پيرزادو

جلد (20) اربع 07 مئي 2025ع بمطابق 09 ذوالقعد 1446 هجري (شمارو نمبر 59) قيمت 10 رپيا

عالمي برادري فوري طور تي ذميواري جو مظاهرو ڪري: پاڪستان، گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٽياڪڙي جي حمايت

”سفارتي حل ڳوليو“ سلامتي ڪائونسل پاران سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي خدشا ظاهر ڪري ڇڏيا

پاڪستان جي درخواست تي گڏيل قومن سلامتي ڪائونسل جو بند ڪمري ۾ اجلاس، ۾ خطي جي بگڙجندڙ سيڪيورٽي صورتحال ۽ ڀارت ڇڪتاڻ تي غور ويچار

اجلاس دوران سلامتي ڪائونسل جي ميمبر ملڪن خطي ۾ وڌندڙ تڪرار تي ڳڻتي ظاهر ڪندي، ٻنهي ملڪن تي زور ڏنو ته فوجي مداخلت بدران سفارتي رستو اختيار ڪيو وڃي

ڪيترن ئي ميمبر ملڪن ڪشمير مسئلي کي علائقائي عدم استحڪام جي بنيادي سبب طور پيش اِهو مسئلو گڏيل قومن جي ٺهرائن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن پٽاندڙ حل ٿيڻ تي زور

انٽيليجنس اطلاع آهن ته ڀارت امڪاني فوجي ڪارروائي ڪندو: پاڪستاني نمائندي پاران اجلاس دوران 23 اپريل تي ڀارت جي هڪ طرفي ڪارروائين تي بريفنگ

پاڪستان خودمختياري جي تحفظ لاءِ تيار آهي ۽ جارحيت جي صورت ۾ گڏيل قومن جي چارٽر تحت پنهنجو دفاع جو حق محفوظ رکي ٿو: نمائندي پاران ڀارتي رياستي دهشتگردي ۽ ٽارگيٽ ڪلنگز جو به حوالو ڏنو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان چيو آهي ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل، سنڌ طاس معاهدي جي معطلي تي خدشن جو اظهار ڪندي، پاڪستان ۽ ڀارت تي زور ڏنو آهي ته هو فوجي تڪرار کان پاسو ڪري ۽ سفارتي ذريعن ذريعي مسئلن جو حل ڳولين. ترجمان موجب، پاڪستان جي درخواست تي گڏيل قومن سلامتي ڪائونسل جو بند ڪمري /ڏسو صفحو 2 بقايا 02

نيويارڪ: سلامتي ڪائونسل ۾ مختلف ملڪن جا ميمبر شريڪ آهن

وزيراعظم جو سروسز چيفس سان گڏ آءِ ايس آءِ هيڊ ڪوارٽرز جو دورو، وطن جي دفاع جو عزم

وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايس آءِ هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو جتي کيس موجوده قومي سلامتي جي صورتحال تي تفصيلي بريفنگ، وزيراعظم کي اولهندي سرحد تي ڀارت جي جارحاڻي ۽ ڇڙڌاريندڙ حرڪتن بابت آگاهي

دوري ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، دفاع واري وزير خواجه آصف ۽ سروسز چيفس پڻ موجود، ڀارت جي وڌندڙ محاذ آرائي ۽ ان سان لاڳاپيل روايتي خطرن جي تناظر ۾ تيارين جو جائزو ورتو ويو

هي ادارو مشڪل حالتن ۾ به قومي مفادن جي تحفظ ۽ سلامتي سان لاڳاپيل فيصلن ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: وزيراعظم آءِ ايس آءِ جي پيشيوراڻي مهارت ۽ حڪمت عمليءَ جي واکاڻ

سڄي قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ آهي، پاڪستان آرمي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ پروفيشنل ۽ منظم فوجن مان هڪ آهي: قومي قيادت وطن جي دفاع بابت پنهنجو غير مبهم عزم ورجايو

قوم جي مڪمل حمايت سان پاڪستان جون هٿياربند فوجون، سڀئي رياستي ادارن ۽ قومي طاقتن جي مدد سان ملڪ جي سلامتي، وقار ۽ عزت جي تحفظ لاءِ هر وقت مڪمل طور تيار آهن: عسڪري قيادت

خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي ڪنهن به ڀڃڪڙي جو لڙائتو ۽ فيصلائتو جواب ڏيڻ لاءِ وزيراعظم ۽ سائنس گڏ معزز شخصيتن قومي هوشياري، ادارن جي هم آهنگي ۽ آپريشنل تياري جي اهميت تي زور

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايس آءِ هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو جتي کيس موجوده قومي سلامتي جي صورتحال تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، بريفنگ دوران وزيراعظم کي اولهندي سرحد تي ڀارت جي جارحاڻي ۽ ڇڙڌاريندڙ حرڪتن بابت آگاهي فراهم ڪئي وئي، وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل بيان موجب، هن /ڏسو صفحو 2 بقايا 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف آءِ ايس آءِ هيڊ ڪوارٽرز ۾ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڀارت ۾ سيما حيدر جي گهر تي حملو، حملي آور گرفتار

نئين دهلي (م ر د) پاڪستان مان ڀارت ويل /ڏسو صفحو 2 بقايا 03

12 مئي سانحو، اينڊز ڀڏٽي تي شاهدن کي پيش ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت اينڊز ڀڏٽي تي شاهدن /ڏسو صفحو 2 بقايا 04

سيد وقار مهديءَ جو سينيٽر ٿيڻ جمهوريت جي فتح آهي: سيد ناصر حسين شاهه

جمهوريت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ وقار مهديءَ جي خدمتن جو ڪيس ثمر مليو آهي: صوبائي وزير

وقار مهدي سينيٽ ۾ سنڌ جي بهترين نمائندگي ڪندو ۽ وقار مهدي سينيٽ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو

پيپلز پارٽيءَ جو هڪ هيرو جيالو سينيٽ ۾ پهچي ويو، پيپلز پارٽيءَ هميشه جيالن کي سندن مقام ڏنو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير توانائي ۽ رٿابندي سيد ناصر حسين شاهه، سيد وقار مهديءَ کي سينيٽر ٿيڻ تي واڌايون ڏيندي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته سيد /ڏسو صفحو 2 بقايا 05

ڪراچي: صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاران سيد وقار مهدي کي سينيٽر چونڊجڻ تي واڌايون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسپيڪر سنڌ اسيمبلي /ڏسو صفحو 2 بقايا 06

ڊاڪٽر لال چند اڪراڻي جي اقليتي ڪاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب ۾ شرڪت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اقليتي معاملن واري /ڏسو صفحو 2 بقايا 07

پاڪستان ۽ ايران پاران خطي ۾ امن لاءِ گڏيل ڪوشش تي زور

پاڪستان ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، دفاع ڪرڻ ڄاڻون ٿا: صدر آصف زرداري

ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي، صدر آصف علي زرداري ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ملاقاتون

پهلگام واقعي سان پاڪستان جو ڪو واسطو ناهي، ڪنهن به جارحاڻي قدم جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو: اسحاق ڊار

اسلام آباد (م ر د) ايران جي پرڏيهي وزير سيد عباس عراقچي، صدر آصف علي زرداري ۽ نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان ملاقاتون ڪري، پاڪ-ڀارت ڇڪتاڻ، علائقائي امن، واپاري لاڳاپن ۽ غزه جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون. صدر زرداري ڀارتي جارحاڻي رويي کي خطي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 08

سيد خورشيد احمد شاهه پاران وقار مهدي کي سينيٽر چونڊجڻ تي واڌايون پيش

سينيٽ ۾ وقار مهدي جي فتح پيپلز پارٽي ۽ عوام جي فتح آهي: سيد خورشيد احمد شاهه

وقار مهدي پيپلز پارٽي جي روايتن جي مطابق ملڪي ترقي لاءِ بهترين خدمتون سرانجام ڏيندو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ سيد خورشيد احمد شاهه

جنگي جهازن کي روڪڻ لاءِ چين پاران آمريڪا تي برتري جو اعلان

بيجنگ (بيورو رپورٽ) مستقبل ۾ تائيوان بابت ڪنهن به تڪرار دوران، بيجنگ جو سڪسٿ جنريشن جنگي جهاز /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

درياهه جو رخ نه موڙي سگهجي ٿو، پر اسان جي همت ۽ ارادي کي خشڪ نٿو ڪري سگهجي، سنڌو درياهه جي هر قطري ۾ پاڪستاني هارين جو انصاف، پورهيتن جو پگهر ۽ الله جو فضل شامل آهي: پ پ پ چيئرمين

ڀارت پاران پاڻي روڪڻ انسانيت خلاف ڏوهه آهي، پاڪستان سنڌوءَ جو دفاع ڪندو: بلاول ڀٽو

ڀارت جا عمل قدرت جي خلاف ڏوهه آهن، درياهن کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ انسانيت جي خلاف آهي، سنڌو درياهه ڀارتي حڪمن جو نه پر قدرت جو پابند آهي

هيءَ وهڪرو امن جو علمبردار آهي ۽ انهن سڀني انسانن جو آهي جيڪي ان مان فائدو وٺن ٿا، پاڪستان دهشتگردي جو شڪار رهيو آهي، اسان جا سپاهي ۽ اسڪولن جا ٻار شهيد ٿيا

مان دنيا کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته پهلگام واقعي ۾ پاڪستان جو ڪو به هٿ ناهي، درياهه رڳو قدرتي وهڪرو نه پر هزارين سالن جي تهذيب جو نشان آهي، جيڪا ورهائي نٿي پر انسانن کي جوڙي ٿي

پاڪستان جون هٿياربند فوجون الرٽ، پرعزم ۽ تيار آهن، اسان جو آسمان محفوظ، سرحدون مضبوط ۽ قوم ڪراچيءَ کان خيبر ۽ لاهور کان لاڙڪاڻي تائين گڏ آهي

دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪستان ۽ ڀارت کي گڏجي وڙهڻو پوندو نه ته اسان جا ايندڙ نسل به دهشتگردي جهڙي لعنت کي ڀوڳيندا رهندا: پ پ پ چيئرمين جو قومي اسيمبلي ۾ خطاب

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي پاڪستان لاءِ سزا نه پر انسانيت جي خلاف ڏوهه آهي سنڌو درياهه رڳو اسان جي ڌرتيءَ تي نه پر قوم جي رڳن ۾ به ڊوڙي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

بلوچستان ۾ بي ايل اي جي حملي ۾ 7 سيڪيورٽي اهلڪار شهيد

بي ايل اي جي دهشتگردن مڇ واري علائقي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي گاڏي کي آءِ اي ڊي ذريعي نشانو بڻايو

شهيدن ۾ صوبيدار عمر فاروق، نائيڪ آصف خان، نائيڪ مشڪور علي، سپاهي طارق نواز، سپاهي واجد احمد فيض شامل

سپاهي محمد عاصم ۽ سپاهي محمد ڪاشف خان پڻ شهيدن جي فهرست ۾ موجود، ڀارت ۽ سندس سهولتڪارن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا ويندا: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ر د) بلوچستان جي ضلعي بولان جي علائقي مڇ ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ سيڪيورٽي فورسز جا 7 اهلڪار شهيد ٿي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر موجب، ڀارتي سهولتڪار بلوچ لبريشن آرمي (بي ايل اي) جي دهشتگردن مڇ واري علائقي ۾ سيڪيورٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

وفاقي حڪومت جو ڪراچي لاءِ بجلي فراهمي ۾ واڌ جو فيصلو

وفاق طرفان ڪراچي کي 900 ميگاواٽ بدران 1600 ميگاواٽ بجلي مهيا ڪئي ويندي: وفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت ڪراچي لاءِ بجلي جي فراهمي ۾ واڌ جو فيصلو ڪيو آهي. تفصيلن موجب، پاور ڊويزن /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

آمريڪا ۾ وڏي پيماني تي فوجي عهدا ختم، پينٽاگون ۾ ٽرٽلو

آمريڪي فوج ۾ ٽاپ گريڊ فور اسٽار آفيسرن جي انگ ۾ 20 سيڪڙو گهٽتائي جو حڪم

واشنگٽن (م ر د) آمريڪا جي دفاع واري سيڪريٽري پيٽ هيگسٿ آمريڪي فوج ۾ ٽاپ گريڊ فور اسٽار آفيسرن جي انگ /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

ڀارت کي اشتعال انگيز بيان بازي بند ڪرڻ گهرجي: او آءِ سي گروپ پاران ڳڻتي پڌري

ڀارت جي بي بنياد الزامن جي ڪري اڳ ۾ ئي غير مستحڪم علائقي ۾ صورتحال وڌيڪ ڇڪتاڻ واري ٿي پئي

جمون ۽ ڪشمير تي تڪرار هڪ بنيادي مسئلو آهي جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ سلامتي کي متاثر ڪري ٿو

پاڪستان جي ان موقف جي به تعريف ڪري ٿو ته اهو ڇڪتاڻ نٿو چاهي، گڏيل قومن جي ٽياڪڙي جي آڇ بهترين آهي

دبئي (م ر د) اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) ڏکڻ ايشيا ۾ بگڙجندڙ سيڪيورٽي صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. ڀارت پاران پاڪستان تي لڳايل بي بنياد الزامن جي ڪري اڳ ۾ ئي غير مستحڪم /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

اسلام آباد: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو قومي اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

پنجاب پاڻي معاملي تي زيادتيون بند نه ڪيون، سنڌ ۾ پاڻي ڪوٽ 50 سيڪڙو ٿي وئي

پنجاب حڪومت طرفان ارسا جي صلاحڪار ڪميٽي جي اجلاس ڪانپوءِ بنا اجازت پاڻي ڪٽ وڌائي وئي

ٽي پي لنڪ ۽ سي جي لنڪ ڪئنالن مان پاڻي ڪڍڻ ۾ نمايان واڌ ڪري سنڌ کي پاڻي جي ڪوٽ وڌائي وئي

بين الصوبائي پاڻي ورڇ جي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندي پنجاب پاڻي جي معاملي تي زيادتيون وڌائي ڇڏيون

پنجاب پاران ارسا جي ضابطن کي نظرانداز ڪندي پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي ڪڍڻ لڳو، سنڌ جي زراعت ۽ واٽر سپلائي نظام کي شديد نقصان

پنجاب پاڻي معاملي تي زيادتيون بند نه ڪيون، پنجاب پاران سنڌو درياهه مان وڌيڪ پاڻي ڪڍڻ سبب سنڌ ۾ پاڻي ڪوٽ 50 سيڪڙو ٿي وئي: ذريعا

سکر / اسلام آباد (نمائندن وٽان) سنڌو درياهه مان پنجاب جي طرفان غيرقانوني طور تي وڌيڪ پاڻي ڪڍڻ جي نتيجي ۾ سنڌ /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

قطري وزيراعظم پاران پاڪستاني قدمن جي حمايت، پاڪستان-ڀارت ڇڪتاڻ گهٽائڻ تي زور

قطري وزيراعظم محمد بن عبدالرحمان بن جاسم جي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ملاقات، سيڪيورٽي تي ڳالهيون

قطر خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ واري پاليسي جو حامي آهي: قطري وزيراعظم محمد بن عبدالرحمان بن جاسم

پهلگام واقعي جي آزاد جاچ جي پاڪستان جي آڇ اسان جي اصولي موقف کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿي: محسن نقوي

دوحا (م ر د) قطري وزيراعظم محمد بن عبدالرحمان بن جاسم پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ وڌندڙ تڪرار کي گهٽائڻ لاءِ پاڪستان جي قدمن جي حمايت ڪندي چيو آهي ته قطر خطي ۾ ڇڪتاڻ گهٽائڻ واري /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

حڪمران ڌرڻي جي مددگارن تي ڪوڙا ڪيس ختم ڪن: عامر نواز وڙائچ

اڄ اسان ويهڪ گهرائي آهي ان بعد پريس ڪانفرنس به ڪنداسين: ڪراچي بار جو صدر

سنڌ جاڳي چڪي آهي، ڌرڻي ۾ شامل ماڻهن مٿان داخل ڪيس واپس وٺو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ ڌرڻي وارن جي مهماني ڪندڙن تي ڪيس /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

مولانا فضل الرحمان اپوزيشن جي گرينڊ الائنس ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار

مولانا فضل الرحمان کي مقامي سياست بابت ڪجهه خدشا هئا: شيخ وقاص اڪرم

مولانا فضل الرحمان ٻين پارٽي سان صلاح مشوري لاءِ وقت گهريو ۽ پوءِ اتحاد کان انڪار ڪيو

پشاور (م ر د) جمعيت علماء اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان اپوزيشن جي گرينڊ الائنس ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار /ڏسو صفحو 2 بقايا 09

رائونتي ويجهو لنجار ۽ پيرزاده برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، ٽي ڄڻا زخمي

رائونتي (رپورٽر) رائونتي ٿاڻي جي حد ڳوٺ /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جي وفد جي شرجيل سان ملاقات، مختلف رٿائن تي ڳالهيون

ملاقات ۾ ريڊ لائن بي آر ٽي رٿا، ٽيڪنيڪي رٿابندي، ڪنسلٽنٽس جي ڪارڪردگي سميت ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه

ريڊ لائن بي آر ٽي آبادي وارن علائقن مان گذري پيو جتي يوٽيلٽيز جي منتقلي هڪ تمام وڏو مسئلو آهي: شرجيل

پنڪ بس سروس جهڙن ڪامياب منصوبن جو مقصد شهرين جي لاءِ سفري سهولتن کي بهتر بڻائڻ آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايشين ڊولپمينٽ بينڪ جي هڪ اعليٰ سطح جي ست رڪني وفد ڪراچي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ ريڊ لائن بي آر ٽي رٿا ج /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

پ پ پ جو وقار مهدي سينيٽ جي خالي ٿيل صوبائي سيٽ تان سينيٽر چونڊجي ويو

وقار مهدي 111 ووٽن سان ڪاميابي ماڻي، جڏهن ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اميدوار نگهت مرزا کي 36 ووٽ مليا

2 ووٽ غلط مارڪنگ سبب رد ڪيا ويا، ايم ڪيو ايم پنهنجو اميدوار بيهاري به سيٽ نه کٽي سگهي

ياد رهي ته اها سيٽ پ پ جي سينيٽر تاج حيدر جي لاڏاڻي سبب خالي ٿي، وقار مهدي ان کان اڳ به سينيٽر رهي چڪو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو جنرل سيڪريٽري ۽ وڏي وزير جو خاص مددگار وقار مهدي سينيٽ جي خالي ٿيل صوبائي سيٽ تان سينيٽر چونڊجي ويو آهي. اليڪشن ڪمشنر سنڌ اعجاز انور /ڏسو صفحو 2بقايا 21

وقار مهديءَ جي ڪاميابي پ پ جو عوام تي اعتماد آهي، سنڌ جو وڏو وزير

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي متحرڪ قيادت ۾ پ پ ناقابل شڪست سياسي قوت بڻي آهي

ملڪ ۾ ڪنهن ٻي سياسي جماعت کي پي پي پي جهڙي مقبوليت حاصل ناهي: مراد علي شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سيد وقار مهدي کي سينيٽر چونڊجڻ تي دل جي گهرائين سان /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

جان محمد مهر ڪيس: پوليس باقاعدي طور قاتلن جو پيڇو شروع ڪيو هو: لنجار

الحمدالله، اسان جي پوليس اهو ڪري ڏيکاريو ۽ ڪاميابي کي پنهنجي نالي ڪيو

مان ان حوالي سان سنڌ پوليس پاران کنيل قدمن کان مطمئن آهيان: صوبائي وزير

ڪراچي (06 مئي) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ڪچي علائقي ۾ آپريشن دوران شهيد صحافي جان محمد مهر /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

راٿيپور ويجهو مال جي پيل تان نوجوان تي حملو، رتوورت، اسپتال داخل

راٿيپور (رپورٽر) راٿيپور ويجهو ڳوٺ حاجي شفيع محمد پيلار، ٺنڊا پيلار جي رهواسي /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

رائونتي جي ڪچي ۾ قبائلي تڪرار تان فائرنگ، هڪ ڄڻو مارجي ويو، 3 ڄڻا زخمي

رات دير سان شر برادري جي هٿيار بندن جي ڳوٺ محبوب سبزوار ۽ ڳوٺ لنڊو پٽر جي گهر مٿان ڪاهه ڪري فائرنگ ڪئي

ٻنهي ڌرين ۾ سخت مقابلو، سبزوار ۽ پٽن جي جوابي فائرنگ ۾ شر برادري جو هٿيار بند شاهن شر موقعي تي مارجي ويو

اوباوڙو (رپورٽر) اوباوڙي ويجهو رائونتي ٿاڻي جي حد ڪچي واري علائقي ۾ قبائلي تڪرار ٻيهر ڀڙڪي پيو رات دير سان /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

”مرڻ ڪنڌيءَ تي آهين، اڃا به نه ٿو مڙين“ بشريٰ انصاري جي جاويد اختر تي چٽي تنقيد

هي ڀارت ڪهڙو ڊرامو پيو ڪري؟ 40 سالن کان ڀارت ۾ موجود عورتن کي واپس نيو پيو وڃي، ڪين ويزا ڇو ڏني وئي؟

تون ته الله تي يقين به نٿو رکين ۽ پاڪستان خلاف زهر اوڳاڇين ٿو، عجيب ماڻهو آهين: ناليواري اداڪارا

مرڻ ڪنڌيءَ تي آهين، اڃا به نه ٿو مڙين، گهٽ ۾ گهٽ نصيرالدين شاهه وانگر خاموش ٿي رهي،“

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سينيئر ۽ ورسٽائل اداڪارا بشريٰ انصاري ڀارتي ليکڪ، شاعر ۽ اديب جاويد اختر تي سخت /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

فارمي ڪُڪڙ جو گوشت زندگي لاءِ خطرناڪ قرار

اڇو گوشت موت جو خطرو 27 سيڪڙو وڌائي سگهي ٿو: ماهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جيڪڏهن توهان روزانو ڪڪڙ کائڻ جا عادي آهيو ته اها عادت توهان کي سرطان جهڙي موتمار مرض /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

پهلگام حملو: ڀارت پاران پاڪستان تي مڙهيل هڪ ٻيو ڪوڙو الزام به وائکو ٿي ويو

آزاد ڪشمير جي علائقي بيلا نور شاهه ۾ دهشتگردن جي ڪنهن به ٽريننگ ڪئمپ جو ڪو به ثبوت نه مليو

ڀارت، پهلگام واقعي کي جواز بڻائيندي دعويٰ ڪئي هئي ته بيلا نور شاهه ۾ دهشتگردن جون ٽريننگ ڪئمپ موجود آهن

عالمي ۽ پاڪستاني ميڊيا جي ٽيم لائين آف ڪنٽرول کان بيلا نور شاهه جو دورو ڪري صورتحال منظرِعام تي آندي

مظفرآباد (م ر د) ڀارت پاران پاڪستان تي مڙهيل هڪ ٻيو ڪوڙو الزام به وائکو ٿي ويو. آزاد ڪشمير جي علائقي بيلا نور شاهه ۾ دهشتگردن جي ڪنهن به ٽريننگ ڪئمپ جو ڪو به ثبوت نه مليو. ڀارت، /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

سمنڊ لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائڻ لڳو، جانور پکي، وڻ ٽڻ درياهه لاءِ سڪي ويا، ڊيلٽا

ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم تائين پاڻي نه پهچڻ سبب انڊس ڊيلٽا تباهيءَ جي ڪنڌيءَ پهچي چڪو

درياهه جي مٺي پاڻي جي کوٽ سبب ڊيلٽا ويجهو موجود آبادين لڏپلاڻ لاءِ مجبور ٿي وڃن، مهاڻا به روزگار لاءِ پريشان

ڄامشورو (رپورٽر) ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم تائين پاڻي نه پهچڻ سبب انڊس ڊيلٽا تباهيءَ جي ڪنڌيءَ پهچي چڪو آهي، لکين /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

ٺري ميرواهه ۾ قلم ڏٺي جي گهر تي پنهنجي ئي برادري پاران حملو 5 ڄڻا زخمي

ٺري ميرواهه (رپورٽر) ڳوٺ ڊيڊاٽو ۾ / ڏسو صفحو 2 بقايا 28

جرمن چانسلر لاءِ ٻيهر ووٽنگ ۾ قدامت پسند اڳواڻ ڪامياب

قدامت پسند اڳواڻ پارليامينٽ ۾ اڪثريت ماڻڻ ۾ ناڪام، ٻيهر ووٽنگ ۾ 325 ووٽ کڻي سرخرو ٿي ويو

1949 ڪانپوءِ پهريون ڀيرو اڪثريتي اتحاد باوجود ميرٽس گهربل اڪثريت حاصل نه ڪري سگهيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جرمني جو قدامت پسند اڳواڻ غير متوقع طور تي پارليامينٽ ۾ اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

سهڻو ڪوسو ۽ مصراڻي برادريءَ جي وچ ۾ تڪرار جي خاتمي لاءِ نعمان اسلام شيخ پاران ڪوشش شروع

ايم اين اي نعمان اسلام سان گڏ مختلف معزز سماجي ۽ سياسي شخصيتون پڻ موجود هيون، مقتولن جي تعزيت

نعمان اسلام شيخ ۽ ٻين اڳواڻن پاران سهڻو خان ڪوسو کي امن قائم رکڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل

ايم اين اي نعمان اسلام سان گڏ مختلف معزز سماجي ۽ سياسي شخصيتون پڻ موجود، مفاهمت ڏانهن وڌڻ تي زور

سکر (بيورو رپورٽ) سهڻو ڪوسو ۽ مصراڻي برادريءَ جي وچ ۾ قبيلائي تڪرار تي ايم اين اي سکر نعمان اسلام شيخ، سهڻو خان ڪوسو جي اوطاق تي پهتو /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

سکر: ايم اين اي سکر نعمان اسلام شيخ، ڳوٺاڻن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جو مک ڪردار شيرو مهر پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ڪچي واري علائقي ۾ گڏيل آپريشن ڪيو ويو: ايس ايس پي شڪارپور

هٿياربندن سان سخت مقابلي ڪانپوءِ شيرو مهر مارجي ويو جيڪو صحافي جي قتل ڪيس ۾ مک ڪردار طور نامزد هو

شيرو مهر ڪيترن ئي ڏوهن ۾ گهربل هو ۽ سندس گرفتاري لاءِ مختلف وقتن تي ڪوششون جاري رهيون: شاهزيب چاچڙ

شڪارپور / لکي غلام شاهه (نمائندن وٽان) شڪارپور پوليس جي ڪچي واري علائقي ۾ گڏيل آپريشن دوران صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ گهربل مک جوابدار شيرو مهر کي پوليس مقابلي /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

شهيد صحافي اي ڊي شر قتل ڪيس جو جوابدار ضمانت رد ٿيڻ تي گرفتار

قتل ڪيس ۾ مک قاتل منصور اعوان ۽ دانش پٽي جي ضمانت ماڊل ڪورٽ رد ڪري ڇڏي

مک قاتل منصور اعوان عدالت سگهوري ۾ حاضر نه ٿيو، ڪاٽ ڏيندڙ قاتل دانش پٽي عدالت ۾ پيش

جوابدار دانش پٽي کي ايس ايڇ او ٺري اسلم لغاريءَ گرفتار ڪري 15 مددگار انچارج حوالي ڪيو

ٺري ميرواهه (رپورٽر) شهيد صحافي آءِ ڊي شر جي قتل ڪيس ۾ مک قاتل منصور اعوان ۽ دانش پٽي جي ضمانت ماڊل ڪورٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 36

دنيا جي وڏين هوائي ڪمپنين پاڪستاني فضائي حدن جو استعمال بند

پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ ڪانپوءِ لفٿانزا، امارات، سوئس ايئر، برٽش ايئرويز ۽ ايئر فرانس پاڪستان فضائي حدن ۾ اڏام بند ڪري ڇڏيو

انهن سان گڏوگڏ ٻين عالمي ايئرلائنز پڻ پاڪستان جي فضائي حدن مان گذرڻ بند ڪرڻ ڪانپوءِ سفر ڊگهو ٿي ويو

جهازن جي ٻارڻ جو خرچ به وڌي ويو، ڪيئن جي ڀارت ۽ ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ اڏامن جو سفر ڊگهو ڪرڻو پئجي رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پهلگام حملي کان پوءِ جاري پاڪستان-ڀارت تڪرار سبب دنيا جون ڪيترائي وڏين ايئرلائنز پاڪستاني هوائي حدن جو استعمال بند ڪري ڇڏيو، لفٿانزا، امارات، سوئس ايئر، برٽش /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڪيو اي ٽي پاران ڪئنالن خلاف جدوجهد ڪندڙن خلاف انتقامي ڪارروائين جي مذمت

ڌرڻي جي مظاهرين جي خدمت ڪندڙن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري پ پ آمريت جي ياد تازي ڪئي: اياز لطيف

حڪمرانن کي ياد ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي ماڻهن کي ڪيسن ۽ گرفتارين سان جهڪائي نٿو سگهجي

ڀارت جي حڪمت عملي رڳو پروپيگنڊا تي ٻڌل آهي، هن چيو ته ڀارت نقشن تي دعوائون ڪري ٿو: وفاقي وزير تارڙ

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجي ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف جدوجهد ڪندڙن خلاف انتقامي ڪارروائين جي مذمت ڪندي چيو آهي ته پ /ڏسو صفحو 2 بقايا 37

روزاني
سُڪار
ڪراچي
E-mail: sukaarkhi@yahoo.com

ڪراچي آفيس: 021_32700091, 021_32700092, 021_32721870, 021_32721870
فيڪس نمبر: 02132700176
حيدرآباد آفيس: فون نمبر: 022_2671764_022_2102381_022
فيڪس نمبر: 022_2671771_022_2102293_022

ائڊريس : پبلشر شفيق احمد پيرزادي فرحان پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ مان ڇپرائي امير ميڊيڪل سينٽر روم نمبر 103, 114 ۽ 115 ٽين ماڙ ايم اي جناح روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي.

اربع 07 مئي 2025ع بمطابق 09 ذوالقعد 1446 هجري

پاڪ فوج جو عزم ۽ پ پ چيئرمين جي دفاعي ٻولي

وزيراعظم آءِ ايس آءِ هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو جتي ڪيس موجوده قومي سلامتي جي صورتحال تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ دوران وزيراعظم کي اولهندي سرحد تي ڀارت جي جارحاڻي ۽ ڇڙواڙيندڙ حرڪتن بابت آگاهي فراهم ڪئي وئي. وزيراعظم آفيس طرفان جاري ڪيل بيان موجب، هن دوري ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، بجاءِ واري وزير خواجه آصف ۽ سروسز چيفس پڻ ساڻس گڏ هئا. دوري دوران قيادت کي خطي جي سلامتي واري صورتحال، خطرن، روايتي فوجي تيارين، هائبرڊ وار فيئر جي حڪمت عملين ۽ دهشتگرد پراڪسيز جي حوالي سان تفصيل سان بريفنگ ڏني وئي، خاص طور تي ڀارت جي وڌندڙ محاذ آرائي ۽ ان سان لاڳاپيل روايتي خطرن جي تناظر ۾ تيارين جو جائزو ورتو ويو. پڌرائي موجب، وزيراعظم ۽ ساڻس گڏ معزز شخصيتن قومي هوشياري، ادارن جي هم آهنگي ۽ آپريشنل تياري جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي ڪنهن به ڀڃڪڙي جو اثرائتو ۽ فيصلائتو جواب ڏئي سگهجي. وزيراعظم آءِ ايس آءِ جي پيشيوراڻي مهارت ۽ حڪمت عمليءَ جي واکاڻ ڪندي چيو ته هي ادارو مشڪل حالتن ۾ به قومي مفادن جي تحفظ ۽ سلامتي سان لاڳاپيل فيصلن ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته سڄي قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ آهي. پاڪستان آرمي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ پروفيشنل ۽ منظم فوجن مان هڪ آهي. قومي قيادت وطن جي دفاع بابت پنهنجو غيرمبهم عزم ورجايو ۽ خاطري ڪرائي ته قوم جي مڪمل حمايت سان پاڪستان جون هٿياربند فوجون، سيني رياستي ادارن ۽ قومي طاقتن جي مدد سان ملڪ جي سلامتي، وقار ۽ عزت جي تحفظ لاءِ هر وقت مڪمل طور تي تيار آهن.

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڀارت طرفان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي پاڪستان لاءِ سزا نه پر انسانيت جي خلاف ڏوهه آهي سنڌو درياهه رڳو اسان جي ڌرتيءَ تي نه پر قوم جي رڳن ۾ به ڊوڙي ٿو. بلاول ڀٽو قومي اسيمبلي ۾ خطاب دوران ڀارتي الزامن، سرحدي ڇڪتاڻ ۽ دريائن جي وهڪرن کي روڪڻ وارن عملن تي ڳالهائيندي چيو ته ڀارت جا عمل قدرت جي خلاف ڏوهه آهن. درياهن کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ انسانيت جي خلاف آهي پ پ چيئرمين چيو ته سنڌو درياهه ڀارتي حڪمن جو نه پر قدرت جو پابند آهي هي ۽ وهڪرو امن جو علمبردار آهي ۽ انهن سيني انسانن جو آهي، جيڪي ان مان فائدو وٺن ٿا. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جو شڪار رهيو آهي، اسان جا سپاهي ۽ اسڪولن جا ٻار شهيد ٿيا، مان دنيا کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته پهلگام واقعي ۾ پاڪستان جو ڪو به هٿ ناهي. بلاول ڀٽو چيو ته درياهه جو رخ ته موڙي سگهجي ٿو پر اسان جي همت ۽ آزادي کي خشڪ نٿو ڪري سگهجي سنڌو درياهه جي هر قطري ۾ پاڪستاني هارين جو اتساهه، پورهيتن جو پگهر ۽ الله جو فضل شامل آهي. هن پنهنجي خطاب دوران موهن جو دڙو، هڙپا ۽ سنڌو تهذيب جو ذڪر ڪندي چيو ته درياهه رڳو قدرتي وهڪرو نه، پر هزارين سالن جي تهذيب جو نشان آهي. جيڪا ورهائي نٿي پر انسانن کي جوڙي ٿي بلاول ڀٽو واضح ڪيو ته ڪنهن به غلط فهمي ۾ نه رهڻ گهرجي ته خاموشي اسان جي ڪمزوري آهي. پاڪستان جون هٿياربند فوجون الرٽ، پرعزم ۽ تيار آهن اسان جو آسمان محفوظ، سرحدون مضبوط ۽ قوم ڪراچيءَ کان خيبر ۽ لاهور کان لاڙڪاڻي تائين گڏ آهي. هن چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت ٻنهي ملڪن جو عوام سنڌو سيپتا سان واسطو رکي ٿو جتان انساني ترقيءَ جي شروعات ٿي،هن ٿي تهذيب شهري رٿابندي، آبپاشي، زراعت، واپار ۽ رابطن کي جنم ڏنو اڳوڻي پرڏيهي وزير وڌيڪ ۾ چيو ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪستان ۽ ڀارت کي گڏجي وڙهڻو پوندو نه ته اسان جا ايندڙ نسل به دهشتگردي جهڙي لعنت کي ڀوڳيندا رهندا.

سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي ۽ پنجاب جي اڳواٽ منصوبابندي

صاحب ڪوکر

سنڌ طاس معاهدو جيڪو 1960 ۾ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٿيو هو، ٻن ملڪن جي وچ ۾ تعاون جو هڪ غيرمعمولي مثال سمجهيو ويندو هو. هن معاهدي ڇهن اهم دريائن جي ورهاست ڪئي، جنهن تحت اوڀر وارن دريائن (راوي، ستلج، بياس) تي هندستان جو اختيار مقرر ٿيو ۽ اولهه وارن دريائن (سنڌو، جهلم، چناب) تي پاڪستان جو. هندستان کي محدود حد تائين اولهه جي دريائن مان پاڻي استعمال ڪرڻ جي اجازت هئي، پر شرط اهو ته وهڪرو نه روڪيو وڃي. عالمي حالتن، جنگين ۽ سياسي بحرانن جي باوجود معاهدو هڪ مضبوط ستون طور قائم رهيو پر تازو واقعن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هاڻ اهو معاهدو تاريخي بحران جي ور چڙهيل آهي، جنهن جا اثر هڪ ارب 60 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن جي زندگيءَ تي پئجي سگهن ٿا، جيڪي انهن دريائن جي پاڻيءَ تي زراعت، توانائي ۽ روزمره جي ضرورتن لاءِ ڀاڙين ٿا.

هندستان جي ان معاهدي سان ناراضگي ڪا نئين ڳالهه ناهي. 2016ع ۾ ڪشمير جي اڙي حملي کان پوءِ وزيراعظم نريندر مودي چيو هو ته "رت ۽ پاڻي گڏ وهي نٿا سگهن". جنهن سان صاف ظاهر ٿيو ته هندستان پنهنجي حصي جي پاڻيءَ کي مڪمل طور استعمال ڪرڻ جون واٽون ڳولڻ شروع ڪري چڪيون آهن. فيبروري 2019 ۾ پلوامه حملي کان پوءِ به ساڳي موقف ۾ شدت آئي. هندستاني اختيارين زور ڀريو ته هندستان پنهنجو اضافي پاڻي روڪڻ جو حق رکي ٿو. عوامي بحث مباحثن ۾ به اها ڳالهه زور وٺندي رهي ته هندستان شايد معاهدو ختم ڪري ڇڏي، پر ان وقت به ڪو باضابطه قدم نه کنيو ويو. جنوري 2023ع ۾ هندستان هڪ سنجيده قدم کنيو ۽ پاڪستان کي نوٽيس موڪليو ته ترتيبي جي ڪجهه شقن ۾ ترميم لاءِ ڳالهيون شروع ڪيون وڃن، خاص ڪري تڪرار حل ڪرڻ واري طريقيڪار کي جديد بڻائڻ بابت. اهو قدم معاهدي خلاف سڌو سنئون بغاوت ته نه هئي، پر واضح طور تي ناراضگي جو اظهار هو. سيپٽمبر 2024ع ۾ هندستان رسمي طور تي ٻيهر نوٽيس موڪليو ۽ معاهدي جي نون بنيادن تي ڳالهين جو مطالبو ڪيو. آبادي ۾ واڌ، توانائي جي ضرورتن ۽ آبهوا جي تبديلين کي بنياد بڻائيندي. ساڳئي وقت هندستان پنهنجي اولهه وارن دريائن مان مڪمل فائدو وٺڻ لاءِ تياريون شروع ڪيون. معاهدي تحت قائم ٿيل عملدارن جي ملاقاتن کي معطل ڪيو ۽ نوان بند ٺاهڻ تي زور وڌو جنهن مان صاف نظر ٿي آيو ته عملي طور تي هندستان معاهدي جي دائري کان ٻاهر نڪري رهيو آهي.

هيٺئر پاڪستان ۽ هندوستان وچ ۾ هلندڙ جنگ جهڙي صورتحال جيڪا هندستاني انتظام واري ڪشمير واري شهر پهلگام ۾ 22 اپريل 2025 تي ٿيندڙ پارٽي سياحن تي حملي کانپوءِ پيدا ٿي، جنهن جو الزام هندوستان سڌو سنئون پاڪستان تي هڻندي ان خلاف جتي ٻيا به ڪيترائي قدم کنيا پر سڀ کان ڀرپائين سنڌ طاس معاهدي کي يڪطرفه معطل ڪري ڇڏڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. پاڪستان لاءِ صورتحال نهايت نازڪ آهي. دريائن جي وهڪرن ۾ ڪنهن به رڪاوٽ سان ملڪ جي زرعي معيشت، توانائيءَ جي پيداوار ۽ صوبن پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ به اندروني ڇڪتاڻ وڌيڪ خراب ٿي سگهي ٿي، جيڪا پهريان ئي تمام گهڻي شدت وٺي چڪي آهي، خاص طور تي ڇهن ڪئنالن جي رٽا ڪاٽ سنڌ اندر پيرلوءِ جي مقام تي قومي شاهراه کي بند ڪري پنجاب ڏانهن ويندڙ سموري رسد کي بند ڪيو ويو. ٻئي طرف هندستان کي ٻه وڏا مسئلا سامهون آهن: عالمي ساک جو خطرو وڏي پيماني تي ٽئين بندن ۽ پاڻيءَ جي سهولتن جي تعمير جي ضرورت، ۽ سفارتي محاذ تي امڪاني موٽ کي منهن ڏيڻ وغيره.

هندستان جي سنڌ طاس معاهدي خلاف جتي مودي حڪومت گذريل ڏهن سالن کان سازشون ڪندي پاڪستان سميت سنڌ کي سڪائڻ جا جتن ڪري رهي آهي، اتي نواز ليگ جي حڪومت به هندستان جي اهڙي ممڪنا سازش جي نتيجي ۾ پيش ايندڙ پاڻي جي کوٽ کي اڳواٽ ئي منهن ڏيڻ لاءِ پنجاب ڏانهن پاڻي موڙيندڙ ڪئنالن جي اهڙي منصوبي کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن سان هندستان جي معاهدي جي ڀڃڪڙي جو پاڻي تي پوندڙ مڪمل منفي اثر سنڌ ڏانهن منتقل ٿي ويندو. هندستان جيڪڏهن معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪندي پاڪستان جي الهندي دريائن چناب، جهلم يا سنڌو جي وهڪرن جو پاڻي روڪي ٿو، تنهن جي ڪوٽ 1991 واري ٺاهه مطابق سنڌ سان ورهائي ويندي ۽ ٻيو ته چشما جهلم لنڪ ڪئنال جنهن کي ڀرپائين معاهدي جي برخلاف، پيرينئل ڪئنال بڻائي ٻارهوئي پاڻي چوري لاءِ استعمال هيٺ آندو ويو آهي، هاڻ وري مٿس موجوده منصوبن گريٽر ٿل ڪئنال ۽ چوٻارا ذريعي سنڌ جو وڌيڪ پاڻي چورائڻ جو منصوبو سٽيو ويو آهي.

هندستان سنڌ طاس معاهدي جي معطلي يا منسوخي جي صورت ۾ عين ممڪن آهي ته اوڀارين دريائن (راوي، ستلج ۽ بياز) ۾ پاڻي کي مسلسل ڇڏي ان صورت ۾ پنجاب ان سموري پاڻي تي ڏاڍو هٿڻ لاءِ وري اتهن تنهي دريائن ستلج، بياس جيڪو ڀرپائين ستلج ۾ اچي ڪري ٿو ۽ راوي جو سمورو پاڻي اوپر طرف موڙي سنڌو کان پري وڃي پنهنجو رڻ چولستان آباد ڪرڻ گهري ٿو، اهڙي طرح هو ڀارت جي سنڌ طاس معاهدي جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ ملندڙ دريائن کي به سنڌ تائين پهچڻ کان اڳي سليمانڪي ۽ بلوڪي هيڊ ورڪس وتان ڏاڍو هٽي گم ڪرڻ جي منصوبابندي ڪندي پنهنجي ٻارتهن کان ٻاويهه لک ايڪڙ غيرآباد زمين آباد ڪرڻ لاءِ سموري سنڌ کي تباهه و برباد ڪرڻ جو منصوبو سٽي رهيو آهي.

پنجاب اتهن تنهي دريائن جي پاڻي (جيڪو سنڌياڻي ۽ اسلام بئراج کان ٿيندو پنجند کان سنڌو ۾ داخل ٿيندو آهي) تي هيٺئرئي پنهنجي ملڪيت هجڻ جي دعوا ڪري رهيو آهي جڏهن هوجتي رهيو آهي ته چولستان ڪئنال کي هو پنهنجي درياهه ستلج مان پاڻي ڏيندا، جڏهن ته اهي ٽئي درياهه تاريخي طور سنڌوءَ ۾ ڪرندڙ رهيا آهن اهو ڪئنالن وارو منصوبو وڏي حڪمت عملي سان تيار ڪيل آهي، جيڪو پنجاب کي طاس معاهدي جي معطلي يا منسوخي جي صورت ۾ ملندڙ ٽئين وهڪرن ۽ 1991 ع جي پاڻي ورڇ معاهدي تحت حاصل ٿيندڙ پنهنجي حصي، ٻنهي تي مڪمل ڪرڦت ڏيڻ جي اجازت ڏيندو. ان طريقي سان پنجاب پاڻ کي مستقبل جي پاڻي کوٽ کان بچائڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. ان سان گڏو گڏ سنڌ ۽ ٻين صوبن لاءِ سخت پاڻيءَ جي کوٽ جو خطرو پيدا ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن اهو مسئلو هميشه لاءِ شفاف ۽ منصفاڻي طريقي سان حل نه ڪيو ويو، ته پاڪستان جي اندر صوبائي تڪرار هڪ دفعو ٻيهر ڀڙڪي سگهن ٿا.

درسي ڪتاب، امتحان ۽ داخلا مهم

ماجد مقصود

سنڌ ۾ نئون تعليمي سال اپريل جي مهيني کان شروع ٿي چڪو آهي مگر ٻارن کي نوان ڪتاب نه ملي سگهيا آهن، ۽ اميد به نه هئي ته ٻارن کي هن سال کي نوان ڪتاب ٽائيم تي ملي سگهندا. سوشل ميڊيا تي ڪنهن دوست پوئين سال پوسٽ رکي هئي ته ايندڙ سال ٻارن کي نوان ڪتاب ملي ويندا، مون اتي به ان دوست کي جواب ڏنو هو ته ايندڙ سال به نه ملندا ۽ مان هاڻي به چوان ٿو 2026ع ۾ به سنڌ جي ٻارن کي نوان درسي ڪتاب ٽائيم تي نه ملي سگهندا. چو ته جيڪي دوست تعليم جي پاليسي ادارن ۾ ڪندا آهن انهن کي چڱي ريت خبر آهي ته تعليمي ادارن ۾ ڪم ڪٿين ٿيندو آهي. ٽائيم تي ڪتاب ملڻ لاءِ تعليم کاتي کي پورو سال اڳ تياري ڪرڻ گهرجي جنهن جو سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ رواج ئي ناهي، ڪتابن ڇپائڻ جو مرحلو انتهائي ٿڪائيندڙ ۽ ٽائيم وٺندڙ ڪم آهي. سڀ کان پهرين ته جيڪا سالياني اسڪولن جي سينسس ٿيندي آهي ان مان خبر پوندي آهي ته هر اسڪول ۾ ٻار ڪيترا آهن مگر اسان وٽ سنڌ ۾ اڄان تائين سالياني ڳڻپ درست نه ٿي سگهي آهي. جيڪا ماڻهو ڳڻپ ڪندا آهن ان جي خاصي بجيت هوندي آهي مگر سڄي ڳڻپ موبائلن تي ڪئي ويندي آهي. اسڪولن جو وزٽ ڪري حقيقي رپورٽ تيار نه ٿيندي آهي. ڏکن تي ڪم هلائيندا آهن، ڪٿي 10 سيڪڙو ڪٿي وري 5 سيڪڙو ٻار وڌائي رپورٽ تيار ڪري جمع ڪري ڇڏيندا آهن. بجيت ڪجهه ماڻهن جي کيسي ۾ هلي ويندي آهي. سو جيستائين ٻارن جي حقيقي سالياني ڳڻپ نه ٿيندي ته اها خبر ڪيئن پوندي ته اسڪولن ۾ ٻار ڪيترا آهن ۽ ڪيتري ڪتابن جي ڇپائي ڪجي. ٻيو وڏي مرحلو آهي سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جو جيڪو ڪتابن جي ڇپائي ڪندو آهي جيڪو اڪثر انتشار جو شڪار رهي ٿو چو ته اتي ملندڙ پئسا ايمانداري سان سڀني کي نه ملندا آهن. اگر چيئرمين جا واسطا پلا آهن انهن کي ڪم ٽائيم تي ملندو ۽ اگر ڪو چيئرمين سان تعلقات بهتر ناهن ته پوءِ ڪم ۾ دير ٿيندي ۽ ڪوشش ڪئي ويندي ته چيئرمين جي بدلي ڪجي ۽ پوءِ ڪم شروع ٿئي. سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ وارن وٽ پرنٽنگ جون مشينون موجود آهن مگر پوءِ به ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ پرائيٽ ٺيڪيدارن کي ٺيڪو ڏنو ويندو آهي، اڪثر ان ۾ پنهنجي مرضي جا ٺيڪيدار پڻ هوندا آهن جيڪي خاص ڪميشن تي ڪم ڪندا آهن ۽ انڪري انهن کي ايڏي جلدي نه هوندي آهي ڪتاب ٽائيم تي ڏيڻ جي، چو ته انهن جي اداري سان اندر سيٽنگ هوندي آهي ته ڪڏهن ڪتاب ملندا. هي ته جيڪي اهم سبب آهن جن جي ڪري ڪتابن ڇپڻ ۾ دير ٿيندي آهي مگر ڪڏهن ڪڏهن فنانس ڊپارٽمينٽ بجيت به دير سان رليز ڪندو آهي جيئن ڪتاب جي ڇپجڻ سگهجن ۽ انڪري به اڪثر دير ٿي ويندي آهي. ٻيو اهم مرحلو آهي ڪتاب جي اسڪولن تائين سپلائي جو آهي جيڪو ڪڏهن به ٽائيم تي نه ٿي سگهيو آهي، ته ريجن تي ڪتاب اچن ٿا ٽائيم تي نه ٿا ڏورين ضلع يا تعلقا هيڊ ڪوارٽرز تي ڪتاب پهچن ٿا ان جو سبب صرف تعليم کاتي جي بيڊ گورننس آهي جڏهن ته مٿي ذڪر ٿيو ته درسي ڪتاب اسڪولن ۾ ٻارن جي سالياني ڳڻپ مطابق ٺٿي ٿي يا ٿيڻ گهرجي مگر ڪجهه سالن کان اسڪولن ۾ 30 کان 40 سيڪڙو ڪتاب گهٽ ڏنا ويندا آهن ۽ اپتري قدر جو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي اسڪولن ۾ 20 سيڪڙو تائين مشڪل سان ڪتاب ڏنا ويندا آهن جنهن جي ڪري اسڪولن ۾ سڄو تعليمي نظام درهم برهم ٿي ويندو آهي مگر حڪومت کي انجي ڪا پرواهه ناهي چو ته تعليم حڪمرانن جي ترجيح ئي ناهي. درسي ڪتابن جي حوالي سان هڪ اهم ڳالهه اها به آهي تعليم جو وزير ڪافي سالن کان چوندو اچي هندو ٻارن کي اسلاميات ۽ عربي نه پڙهائيبي ۽ سائين اپتري قدر چيو جو اسان اسڪولن ۾ گيتا پڙهائيندا سين، جنهن جو سائين جن کي داد پڻ مليو مگر اڄ به اسڪولن ۾ زبردستي اسلاميات ۽ عربي پڙهائي پئي وڃي، جيڪو نان مسلم ٻارن لاءِ بار آهي جيڪو ختم ٿيڻ گهرجي. اسڪولن کي اهي هدايتون پڻ ڏنيون ويون آهن ته اسڪولن ۾ بُڪ بينڪ ناهيو ۽ پراڻا ڪتاب اسڪولن ۾ جمع ڪيو ۽ نون آيل ٻارن کي ڏيو. هي خيال ڀلو آهي مگر ان ۾ وڏو مسئلو اهو آهي ته ٻارن جا ڪتاب سال کان پوءِ ڦاٽي ويندا آهن. اگر پراڻو ڪتاب ڏنو ويو ته ٻار انهي شوق سان نه پڙهندو. هاڻي ڪتاب نوان آهن آهي ضرور استعمال ڪرڻ گهرجن. ڪافي درسي ڪتابن ۾ تمام وڏيون غلطيون آهن جنهن کي دور ڪرڻ گهرجي ۽ انڪانسواءِ سنڌ جي تاريخي ڪردارن جي باري ۾ غلط بياني ڪئي وئي آهي انکي پڻ درست ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جا عظيم ڪردار جيڪي انسانيت جي خدمت ڪندا رهيا انهن جو ڪردار گهٽائي مسلمانن تائين محدود ڪيو ويو آهي. جيئن حسن علي آفندي جي باري ۾ چيو ويو آهي هن مسلمانن جي تعليم لاءِ وڏو ڪم ڪيو جا ان وقت سنڌ ۾ هندو نه رهندا هئا ۽ چا ان جي تعليمي اداري ۾ هندو ٻار نه پڙهندا هئا ان وقت سنڌ ۾ هندو وڏي تعداد ۾ هندو رهندا هئا. ان کان سواءِ اگر ڏٺو وڃي ته عثمان ڏيپلائي جهڙي فقير منش انسان کي مسلمانن جي خدمت تائين محدود ڪيو ويو آهي جڏهن ان جو تعلق ٿر سان هو جتي 60 سيڪڙو ته امن پسند هندو رهن ٿا. سنڌ جو هڪ ٻيو ڪردار رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي آهي جنهن جو تعلق منهنجي تعلقي جيمس آباد سان هو جيڪو بعد ۾ ڪوٽ غلام محمد يعني سائين جن جي نالي سان منسوب ڪيو ويو ان جي لاءِ به ڪجهه اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيون ويون آهن ته انهن مسلمانن جي وڏي خدمت ڪئي. مان سمجهان ٿو سڀ شخصيتون انسان دوست هيون ۽ انهن انسانن جي خدمت ڪئي ۽ انڪري انهن جو ڪردار مسلمانن تائين محدود نه ڪرڻ گهرجي. هن دفعي اٺين درجي تائين اسڪولن ۾ امتحان خبر ناهي چو ورتا ويا آهن جڏهن ته اسڪولن کي هدايت ڏني وئي هئي جيڪي چوڪرا امتحان ۾ اچن انهن کي ڪنهن به صورت ۾ پاس ڪرڻو آهي هڪ استاد ٻڌايو اسين ڪاپيون به چيڪ نه ڪندا آهيون ۽ مارڪون ڏيندا آهيون. جڏهن ٻار فيل به ناهن ڪرڻا ۽ مارڪون به ڏيڻيون آهن پوءِ امتحان لاءِ خرچو ڇو ٿا ڪيو ائين ٿي درجو مٿائي ڇڏيو. اڳين ٻارن جون پوزيشنون اينديون هيون جنهن سان ٻارن کي خوشي ٿيندي هئي ۽ پڙهڻ جو شوق ٿيندو هو، مان پنهنجي اسڪول ۾ ميٽرڪ ۾ فرسٽ پوزيشن ڪنٽي هئي مون کي ٽي ڏينهن خوشي مان ننڊ نه آئي هئي ۽ انهي خوشي سان مان ڪاليج ۾ داخلا ورتي هئي ۽ هاڻي ٻارن سان ڪهڙو ظلم پيا ڪن. هي وقت آهي اسڪولن ۾ داخلا مهم جو جيئن نوان ٻار اسڪولن ۾ داخل ٿين ۽ انهن کي پوري اسڪيم آف اسٽڊي پڙهائي سگهجي مگر تعليم کاتو داخلا مهم ڊسمبر ۾ شروع ڪندو آهي جڏهن ٻار سڄو ڪتاب پڙهي چڪا هوندا آهن ۽ نوان ٻار ڪو ڪتاب پڙهي نه سگهندا آهن ۽ انهن جو شوق ختم ٿي ويندو آهي ۽ اهي ڊراپ آئوٽ ٿي ويندا آهن. تعليمي اداري کي گهرجي داخلا مهم جلد کان جلد شروع ڪن جيئن نوان ۽ پراڻا ٻار بهتر طريقي سان تعليم حاصل ڪري سگهن.

پگهارن ۾ مونجهارو رڳو ملازمن لاءِ!

اعجاز ممنائي

گذريل ڏينهن صدر پاڪستان آصف علي زرداري قومي اسيمبلي اجلاس کان هڪ ڏينهن اڳ صدارتي آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو آهي جنهن تحت وفاقي وزيرن ۽ مملڪتي وزيرن جي پگهارن ۾ 140 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ڪيو ويو آهي جڏهن ته ايف بي آر جي اختيارن کي وڌيڪ واڌ ڏيندي آفيسرن کي ڪنهن به بزنس، جڳهه، فيڪٽري تي غيرقانوني سامان کي قبضي ۾ وٺڻ جو اختيار ڏنو ويو آهي. آصف علي زرداري پگهار مراعت واستحقاق ايڪٽ 1975ع ۾ ترميم جو آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو جنهن تحت وفاقي وزيرن ۽ مملڪتي وزيرن جي پگهارن ۾ 180 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي، وفاقي وزيرن ۽ مملڪتي وزيرن جون پگهارون پارليامينٽ ميمبرن جي برابر هونديون. آرڊيننس موجب وفاقي وزيرن جون پگهارون 2 لک 18 هزار روپين مان وڌائي 5 لک 19 هزار ڪيون ويون آهن. پگهارن ۾ اضافو پهرين جنوري 2025 کان ڪيو ويو آهي. ٻئي طرف ايف بي آر جو ٽيڪس ريڪوري جي لاءِ اختيار وڌيڪ وڌائيندي فيڊرل ايڪسائيز ايڪٽ 2005 ۾ به ڪيترين ئي ترميمون ڪيون ويون آهن. آرڊيننس جي تحت پهرين اپيل جي خاتمي تي ايف بي آر ادا ڪرڻ جوڳي ٽيڪس جي فوري ريڪوري ڪري سگهندو. ڪين اڪائونٽ فوري منجمد ڪرڻ ۽ ڪاروباري هنڌن تي آفيسر مقرر ڪرڻ جو به اختيار ڏنو ويو آهي. پيداوار ۽ اسٽاڪ جي نگراني به ڪري سگهندو. صدر آصف علي زرداري جي منظوري کان پوءِ سي ڊي اي ترميمي آرڊيننس جو گزٽ نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي هاڻ معاوضو صرف روڪ جي صورت ۾ نه پر زمين يا ٻين شڪلين ۾ به ادا ڪري سگهبو. ڊپٽي ڪمشنر زمين ۽ بلڊنگز لاءِ ڊار ڪنٽريڪٽ ايوارڊ ڪرڻ جا مجاز هوندا. ياد رهي ته هن کان اڳ هلندڙ سال فيبروري ۾ وزيراعظم شهباز شريف تنقيد کي رد ڪندي پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن ۾ 300 سيڪڙو اضافي جي منظوري ڏني هئي. جڏهن ته حڪمرانن موجب ملازمن جي پگهارن لاءِ آءِ ايم ايف جي راضپي سان مشروط آهي ملازم جڏهن به پگهار ۽ ٻين مطالبن لاءِ آواز اٿاري ٿو ته مٿس تشدد جا حربا هلائي جيلن جي سلاخين ۾ بند ڪيو وڃي ٿو مٿن لاٺي چارج ڪري واٽرڪينن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو آخر انهن ملازمن جو قصور ڪهڙو آهي؟ جيڪي ڏينهن رات عوام جي خدمت ۾ مصروف آهن انهن جي جائز حقن تي ڏاڙو آخر ڪيستائين جاري رهندو؟ گذريل سال آءِ ايم ايف پيڪيج کان اڳ وزيراعظم آفيس جي آفيسرن لاءِ 4 اضافي پگهارن جي منظوري ڏني وئي آهي. ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ آءِ ايم ايف کان نئين بيل آئوٽ پيڪيج جي درخواست لاءِ واشنگٽن روانگي کان ڪجهه ڏينهن اڳ نائب واري وزير پنهنجي وزارت جي آفيسرن کي 4 اضافي پگهارون ڏيڻ جي منظوري ڏني جيڪا مهانگائي جي شڪار عوام جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ جي برابر هئي. هڪ سروي موجب عوام گذريل طور تي 30 سيڪڙو مهانگائي ۽ ڪيترائي ڀيرا اضافي سان يوٽيلٽي بلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. ان جي باوجود ڪين ڪو رليف نه ٿو ملي پر وزيرن جون پگهارون وڌائي "پبلڪ کي ويتر پريو" پيو وڃي جيڪو عمل ملڪ جي تباهيءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي هن وقت حڪومت پاڻ ٽيڪس ڪليڪشن تي گذران پئي ڪري، جنهن ڪري هنن وٽ اعليٰ ايت وارا ادارا ناهن رهيا. انڪري آءِ ايم ايف سان هر دفعي اهو واعدو ڪري ٿا اچن ته هن پيري ٽيڪس وڌائينداسين ۽ نوان ٽيڪس به لاڳو ڪنداسين. جنهن ۾ عوام جي پلي جيلهه جهي ٿي پوي پر ڪين ٽيڪس هر حالت ۾ مڙهڻو آهي حڪمران آءِ ايم ايف سان 20 کان 22 سيڪڙو ٽيڪس آمدني جي واڌ ۽ اوڳاڙي جي واعدن باوجود 12 سيڪڙو تائين ٽيڪس اوڳاڙي به نٿا ڪري سگهن. ڳالهه اها به آهي ته جيڪي عام دڪاندار، ريڙهي هلائيندڙ، هوٽلون يا ٻيا ڪاروبار هلائيندڙ ۽ وڏيون فيڪٽريون هلائيندڙ هن رياست جي جنبي ۾ نٿا اچي سگهن. چوته اسان وٽ ٽيڪس نظام خراب آهي، پر آءِ ايم ايف جي مسلسل قرض وٺڻ جي صورت ۾ اهي ٻاهريون طاقتون رياست جي مٿان زور ٿيون رکن ته اهي ٽيڪس جي نظام ۾ سڌارا آڻين ۽ زرعي ٽيڪس سميت انڪم ٽيڪس، ڪنزيومر ٽيڪس، ويلٿ ٽيڪس، سليز ٽيڪس سميت اهڙا سپر ٽيڪس لاڳو ڪن جنهن ۾ هي هڪ ڏڪ سان سڀ شڪار ڪري وڃن، پر بدقسمتي سان هڪ پگهاردار طبقو آهي، جيڪو پيٽو ٽيڪس به ڀري ٿو ۽ پريشان به ٿئي ٿو جڏهن ته ڪوبه وزير اهڙي ٽيڪس جي جار ۾ نٿو اچي، جو پگهار وٺڻ کان پهرين ٽيڪس ڪٽجي ٿو وڃي ۽ پوءِ ڪنزيومر ۽ ويلٿ ٽيڪس الڳ لاڳو ٿين ٿا. جيڪڏهن خزانو خالي آهي ته هزارين ايڪڙ زمينون ڪروڙن روپين جون گاڏيون رکندڙ وزيرن جون پگهارون ڪيئن ٿيون وڌايون وڃن باقي غريب ۽ نندن ملازمن جون پگهارون وڌائڻ لاءِ بهانا چو ٿا ڪيا وڃن پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن ۾ 200 سيڪڙو اضافو سمجهه کان ٻاهر آهي باقي پڙهيل لکيل نوجوان ڪيترن ئي سالن کان نوڪرين جي آسرن ۾ ويٺا آهن ۽ حڪومت چوي ٿي ته خزانو خالي آهي، پر بار بار وزيرن جي پگهار وڌائڻ لاءِ خزاني ۾ ڪٿان ٿو پئسو اچي هر وزير پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ لاءِ اربين روپين جون اسڪيمون ۽ فنڊ هڙپ ڪن ٿا پنهنجن سالن ۾ ڪڏهن تڪ تي لڙي نه ٿا وڃن پوءِ به انهن جي پگهار ۾ اضافو ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته ملازم جيڪي پنهنجون نندون ڦٽائي عوام جي ڀلي لاءِ ڪم ڪن ٿا تن جي پگهار مان ڪڏهن بارش متاثرين جي مدد لاءِ ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي ته ڪڏهن وري "قرض اتارو ملڪ سنوارو" جي نالي تي هڪ ڏينهن جي پگهار زبردستي جمع ڪئي وڃي ٿي ائين غريب ملازمن جا حق غصب ڪري وزيرن وزيرن کي مراعتون ڏيندڙ رياست ڪڏهن به انسان دوست نه ٿي ٿي سگهي، اها ته سامراجي سازش آهي ته غريب کي اڃان غريب ڪريو ۽ امير کي ويتر امير ڪريو ۽ اسان جا حڪمران ان تي مڪمل عمل پيرا آهن چوته بنيادي طرح هيءَ رياست اپر ڪلاس جي سسٽم جي نگهبان آهي ان جو نظريو ئي مٿئين طبقي جا ناجائز مفاد پورا ڪرڻ آهي سو پگهارون وڌائيندا مراعتون بخشيندا سڀ ڪجهه ڪندا صرف غريب طبقي کي محرومين جو شڪار رکي زندگي کان بيزار ڪندا پر ياد رکو اهڙيون پاليسيون اپنائڻ سان بغاوت جا جهنڊا بلند ٿيندا ۽ ڏکين حالتن ۾ ملازم پنهنجي حڪمرانن کي اڪيلو ڪري ڇڏيندا

---

01 بقايا

دوري ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار، بجاءِ واري وزير خواجه آصف ۽ سروسز چيفس پڻ ساڻس گڏ هئا. دوري دوران قيادت کي خطي جي سلامتي واري صورتحال، خطرن، روايتي فوجي تيارين، هائبرڊ وار فيئر جي حڪمت عملين ۽ دهشتگرد پراڪسيز جي حوالي سان تفصيل سان بريفنگ ڏني وئي، خاص طور تي ڀارت جي وڌندڙ محاذ آرائي ۽ ان سان لاڳاپيل روايتي خطرن جي تناظر ۾ تيارين جو جائزو ورتو ويو. پڌرائي موجب، وزيراعظم ۽ ساڻس گڏ معزز شخصيتن قومي هوشياري، ادارن جي هم آهنگي ۽ آپريشنل تياري جي اهميت تي زور ڏنو ته جيئن پاڪستان جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي ڪنهن به ڀڃڪڙي جو اثرائتو ۽ فيصلائتو جواب ڏئي سگهجي. وزيراعظم آءِ ايس آءِ جي پيشيوراڻي مهارت ۽ حڪمت عمليءَ جي واکاڻ ڪندي چيو ته هي ادارو مشڪل حالتن ۾ به قومي مفادن جي تحفظ ۽ سلامتي سان لاڳاپيل فيصلن ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته سڄي قوم پنهنجي بهادر فوج سان گڏ آهي. پاڪستان آرمي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ پروفيشنل ۽ منظم فوجن مان هڪ آهي. قومي قيادت وطن جي دفاع بابت پنهنجو غيرمبهم عزم ورجايو ۽ خاطري ڪرائي ته قوم جي مڪمل حمايت سان پاڪستان جون هٿياربند فوجون، سيني رياستي ادارن ۽ قومي طاقتن جي مدد سان ملڪ جي سلامتي، وقار ۽ عزت جي تحفظ لاءِ هر وقت مڪمل طور تي تيار آهن.

02 بقايا

۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ خطي جي بگڙجندڙ سيڪيورٽي صورتحال ۽ ڀارت ڇڪتاڻ تي غور ڪيو ويو. اجلاس دوران سلامتي ڪائونسل جي ميمبر ملڪن خطي ۾ وڌندڙ تڪرار تي ڳڻتي ظاهر ڪندي ٻنهي ملڪن تي زور ڏنو ته فوجي مداخلت بدران سفارتي رستو اختيار ڪيو وڃي. ترجمان موجب، ڪيترن ئي ميمبر ملڪن ڪشمير مسئلي کي علائقائي عدم استحڪام جي بنيادي سبب طور پيش ڪيو ۽ زور ڏنو ته اهو مسئلو گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن پٽاندڙ حل ٿيڻ گهرجي. پاڪستاني نمائندي اجلاس دوران 23 اپريل تي ڀارت جي هڪ طرفي ڪاروائين تي بريفنگ ڏيندي خبردار ڪيو ته ڀارتي اڳرائي جا سنگين نتيجا نڪري سگهن ٿا. نمائندي طرفان انٽيليجنس اطلاع آهن ته ڀارت جي امڪاني فوجي ڪاروائي جو خدشو ظاهر ڪيو ويو.

03 بقايا

سيما حيدر مٿان " ڪاري جادوءَ " جو الزام لڳائيندي مٿس حملو ڪندڙ گجراتي شخص کي ڀارتي پوليس گرفتار ڪري ورتو. پرڏيهي خبرو اداري موجب هڪ همراهه سيما حيدر ۽ سندس مؤس سچن مينا جي گهر ۾ زبردستي گهڙي آيو جنهن ڪانپوءِ علائقي ۾ ڏڪڙ واري صورتحال پيدا ٿي وئي. اطلاع ملڻ تي پوليس ترت واقعي واري هنڌ پهچي ۽ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب، جوابدار جي سڃاڻپ "تيجس" جي نالي سان ٿي، جيڪو گجرات جو رهواسي آهي ۽ ذهني بيماري جو شڪار آهي. پوليس جا چوڻ آهي ته تيجس جاچ دوران دعويٰ ڪئي ته سيما حيدر ۽ سندس مؤس سچن مينا مٿس "ڪارو جادو" ڪرايو آهي. واضح رهي ته سيما حيدر پاڪستاني شهري آهي، جنهن جي سچن مينا سان پهرين ملاقات 2019ع ۾ آن لائين شوٽنگ گيم "پب جي" تي ٿي هئي، جيڪا پوءِ محبت ۾ بدلجي وئي. سيما 13 مئي 2023 تي پنهنجن چئن ٻارن سان گڏ نيپال رستي ڀارت پهتي، جتي هن هندو مذهب اختيار ڪري سچن سان شادي ڪئي ۽ هاڻي هوءَ ساڻس گڏ ڀارت ۾ ئي رهي پئي.

04 بقايا

کي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ڪراچي جي دهشتگردي جي ٽوڙ عدالت ۾ 12 مئي سانحي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. ٻڌڻي دوران ايم ڪيو ايم اڳواڻ وسيم اختر، عمير صديقي ۽ ٻيا جوابدار پيش ٿيا. پراسيڪيوشن عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار خلاف 2007 ۾ ايئرپورٽ پوليس اسٽيشن ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو هو. عدالت جوابدار ڪاڪر جي هڪ ڏينهن جي حاضري کان ڇوٽ جي درخواست منظور ڪري ورتي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 17 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

05 بقايا

وقار مهديءَ جو سينيٽر ٿيڻ جمهوريت جي فتح آهي. جمهوريت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ وقار مهديءَ جي خدمتن کي ڪيس ثمر مليو آهي. هن چيو ته وقار مهدي سينيٽ ۾ سنڌ جي بهترين نمائندگي ڪندو ۽ وقار مهدي سينيٽ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو. سنڌ ۾ سينيٽ جي نشتي چونڊ ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڪاميابي تي ناصر شاهه جو چوڻ هو ته پيپلز پارٽيءَ جو هڪ ٻيو جيالو سينيٽ ۾ پهچي ويو. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو جو چونڊيل وقار مهديءَ جي شڪل ۾ ڪامياب ٿيو آهي ۽ پيپلز پارٽي ۽ هميشه جيالن کي سنڌ مقام ڏنو آهي.

06 بقايا

سيد اويس قادر شاهه پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ وقار مهدي کي سينيٽر چونڊجڻ تي دل جي گهراين سان واڌايون ڏنيون آهن پنهنجي پيغام ۾ سيد اويس قادر شاهه چيو ته وقار مهدي جي ڪاميابي جمهوري عمل ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي تي عوامي اعتماد جو چٽو ثبوت آهي ۽ وقار مهدي پارٽي جو سينيئر اڳواڻ ۽ عوامي سياست جو تي يقين رکندڙ اڳواڻ آهي جنهن هميشه جاجزي، اصولن ۽ ايمانداري سان سياست ڪئي آهي وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد رهنمائن جي نظريي ۽ جمهوري قدرن جي علمبردار جماعت آهي. سيد اويس قادر شاهه چيو ته سينيٽ چونڊ جو شفاف انعقاد اليڪشن ڪميشن جي پيشه ورانه ڪارڪردگي جو ثبوت آهي جڏهن ته ڪيس پاڪستان پيپلز پارٽي جي سمورن ووٽرز ۽ اسيمبلي ميمبرن جو به شڪريو ادا ڪيو جن وقار مهدي جي ڪاميابي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

07 بقايا

ڪاٽي پاران ڊپٽي ڊائريڪٽر سليم اختر جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سندس جي اعزاز ۾ سيڪريٽري آفيس ۾ هڪ الوداعي تقريب ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ وزير اعليٰ سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر لالچند اڪراڻي، سيڪريٽري انجم اقبال جماڻي سميت کاتي جي سينيئر آفيسرن شرڪت ڪئي. تقريب ۾ ڊاڪٽر لالچند اڪراڻي ۽ سيڪريٽري پاران رٽائر ٿيندڙ ڊپٽي ڊائريڪٽر کي اجرڪ پارٽيءَ گلن جا تحفا پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي ڊاڪٽر لالچند اڪراڻي سليم اختر جي رٽائرمينٽ بابت ڳالهائيندي چيو ته سليم اختر 22 سالن تائين اقليتي کاتي ۾ پنهنجون خدمتون ڏنيون ۽ لاڳاپيل رهيا. اقليتي برادرين جي ڀلائي ۽ حقن جي واڌاري لاءِ پاليسين ۽ قدمن ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو هن پنهنجي زندگي جو تمام گهڻو حصو هن کاتي کي ڏنو ۽ اڄ ڊپٽي ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿي رهيا آهن.

08 بقايا

امن لاءِ خطرو قرار ڏيندي چيو ته پاڪستان ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. عباس عراقچي چيو ته ايران پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ گهٽائڻ لاءِ ٿيائڪري ڪرڻ چاهي ٿو ٻنهي ملڪن کي صبر سان ڪم وٺڻ گهرجي. اسحاق ڊار واضح ڪيو ته پهلگام واقعي سان پاڪستان جو ڪو واسطو ناهي. ڪنهن به جارحاڻي قدم جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو. عراقچي صدر ۽ وزيراعظم سان ملاقاتن ڪانپوءِ ڀارت جو دورو به ڪندو.

09 بقايا

مولانا فضل الرحمان اپوزيشن جي گرينڊ الائنس ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پي ٽي آءِ جي مرڪزي سيڪريٽري اطلاعات شيخ وقاص اڪرم نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته مولانا فضل الرحمان کي مقامي سياست بابت ڪجهه خدشا هئا. پي ٽي آءِ باني جي هدايت تي ڪيس خدشن کي ختم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي هئي. شيخ وقاص اڪرم موجب، مولانا فضل الرحمان پهرين پارٽي سان صلاح مشوري لاءِ وقت گهريو ۽ پوءِ اتحاد کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن چيو ته چونڊ اتحاد جڏهن ٿيندا تڏهن اڃا ڪجهه وقت ڏي ٿيندي آهي.

10 بقايا

گوادر ۾ واقع پرڏيهي هوائي اڏي جي فضائي حدن کي 1,000 ڪلوميٽر پري کان ٻن ڪلاڪ تائين بند ڪري سگهي ٿو اهڙي دعويٰ چين جي هڪ فوجي ميگزين ۾ ڪئي وئي آهي. رپورٽ مطابق هن ايندڙ نسل جي جنگي جهاز جو مقصد پيپلز لبريشن آرمي (PLA) جي انهن ڪمزورين کي نظر ۾ رکندڙ ناهيو ويو آهي. جيڪي آمريڪي B_21 اسٽيلٿ بمبار خلاف پهرين بيٽ واري زنجير (First Island Chain) اندر تڪرار جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهن ٿيون. هي جهاز جيڪو گنگڪوپن وانگر شڪل رکي ٿو ان کي غير سرڪاري طور تي J_36 سڏيو پيو وڃي ۽ پي ايل اي پاران ترقي جي مرحلي ۾ آهي.

11 بقايا

ٿو. بلاول ڀٽو قومي اسيمبلي ۾ خطاب دوران ڀارتي الزامن، سرحدي ڇڪتاڻ ۽ دريائن جي وهڪرن کي روڪڻ وارن عملن تي ڳالهائيندي چيو ته ڀارت جا عمل قدرت جي خلاف ڏوهه آهن. درياهن کي سياسي هٿيار طور استعمال ڪرڻ انسانيت جي خلاف آهي. پ پ چيئرمين چيو ته سنڌو درياهه ڀارتي حڪمن جو نه پر قدرت جو پابند آهي هي ۽ وهڪرو امن جو علمبردار آهي ۽ انهن سيني انسانن جو آهي، جيڪي ان مان فائدو وٺن ٿا. هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جو شڪار رهيو آهي، اسان جا سپاهي ۽ اسڪولن جا ٻار شهيد ٿيا. مان دنيا کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته پهلگام واقعي ۾ پاڪستان جو ڪو به هٿ ناهي. بلاول ڀٽو چيو ته درياهه جو رخ ته موڙي سگهجي ٿو پر اسان جي همت ۽ آزادي کي خشڪ نٿو ڪري سگهجي سنڌو درياهه جي هر قطري ۾ پاڪستاني هارين جو اتساهه، پورهيتن جو پگهر ۽ الله جو فضل شامل آهي. هن پنهنجي خطاب دوران موهن جو دڙو، هڙپا ۽ سنڌو تهذيب جو ذڪر ڪندي چيو ته درياهه رڳو قدرتي وهڪرو نه پر هزارين سالن جي تهذيب جو نشان آهي. جيڪا ورهائي نٿي پر انسانن کي جوڙي ٿي. بلاول ڀٽو واضح ڪيو ته ڪنهن به غلط فهمي ۾ نه رهڻ گهرجي ته خاموشي اسان جي ڪمزوري آهي. پاڪستان جون هٿياربند فوجون الرٽ، پرعزم ۽ تيار آهن اسان جو آسمان محفوظ، سرحدون مضبوط ۽ قوم ڪراچيءَ کان خيبر ۽ لاهور کان لاڙڪاڻي تائين گڏ آهي. هن چيو ته پاڪستان ۽ ڀارت ٻنهي ملڪن جو عوام سنڌو سيپتا سان واسطو رکي ٿو جتان انساني ترقيءَ جي شروعات ٿي،هن ٿي تهذيب شهري رٿابندي، آبپاشي، زراعت، واپار ۽ رابطن کي جنم ڏنو اڳوڻي پرڏيهي وزير وڌيڪ ۾ چيو ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پاڪستان ۽ ڀارت کي گڏجي وڙهڻو پوندو نه ته اسان جا ايندڙ نسل به دهشتگردي جهڙي لعنت کي ڀوڳيندا رهندا.

12 بقايا

فورسز جي گاڏي کي آءِ اي ڊي ذريعي نشانو بڻايو. شهيد ٿيل اهلڪارن ۾ صوبيدار عمر فاروق، نائيڪ آصف خان، نائيڪ مشڪور علي، سپاهي طارق نواز، سپاهي واجد احمد فيض، سپاهي محمد عاصم ۽ سپاهي محمد ڪاشف خان شامل آهن. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته دهشتگردي جي بزدلاڻي ۽ سنگين ڪاروائي جي ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو. سيڪيورٽي فورسز قوم سان گڏجي بلوچستان جي امن، استحڪام ۽ ترقي کي نشانو بڻائڻ جي هر ڪوشش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ پرعزم آهن ترجمان جو وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستاني سرزمين تي سرگرم ڀارت ۽ سندس سهولتڪار دهشتگردن جا ناپاڪ ارادا ناڪام بڻايا ويندا. بهادر سيڪيورٽي فورسز قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ غيرت مند قوم دشمنن جي هر سازش جو ڀرپور جواب ڏيندي.

13 بقايا

جي سيڪريٽري اسٽينڊنگ ڪميٽي جي اجلاس دوران ٻڌايو ته وفاق طرفان ڪراچي کي 900 ميگاواٽ بدران 1600 ميگاواٽ بجلي مهيا ڪئي ويندي. واضح رهي ته ڪراچي ۾ سخت گرمي باوجود ڪي اليڪٽرڪ طرفان بنا اعلان لوڊشيڊنگ روز جو معمول بڻجي چڪي آهي.

14 بقايا

۾ 20 سيڪڙو گهٽتائي جو حڪم ڏنو آهي. جنهن سان پينٽاگون ۾ ٽرٿلو مچي ويو آهي. اهڙي اعلان آمريڪي اسٽيبلشمينٽ يعني پينٽاگون کي لوڏي ڇڏيو آهي. هيگسٿ اڳ ئي کليل نموني ۾ اهو اظهار ڪري چڪو آهي ته هو فوج جي سينيئرترين آفيسرن جي انگ کي تمام ڳڙو سمجهي ٿو. فاڪس نيوز جو اڳوڻو ميزبان هيگسٿ حيرتناڪ تيزيءَ سان دفاع کاتي کي ٻيهر ترتيب ڏيڻ جي عمل ۾ لڳل آهي. جنهن ۾ هن ڪيترن ئي مقاهين عهدن وارن جنرلن ۽ ايڊمرلن کي برطرف ڪيو آهي ته جيئن ٽرمپ جي قومي سلامتي جي ايجنڊا تي عملدرآمد ٿي سگهي ۽ انهن تنوع ۽ شموليت جي قدمن کي ختم ڪري سگهجي جن کي هو امتيازي سڏي ٿو. هڪ ميمو جيڪو سي اين اين جي نمائندي ڏٺو بعد ۾ رپورٽ ڪرڻ جو چيو آهي ته هيگسٿ نيشنل گارڊ ۾ جنرل آفيسرن جو انگ به گهٽ ۾ گهٽ 20 سيڪڙو ۽ سڄي فوج ۾ جنرل ۽ فليگ آفيسرن جي انگ ۾ 10 سيڪڙو اضافي گهٽتائي ڪئي ويندي. هيگسٿ X تي پوسٽ ڪيل وڊيو پيغام ۾ چيو ته "وڌيڪ جنرل ۽ ايڊمرل هجڻ سان ڪاميابي نه ايندي." "هي ڪو سزا ڏيڻ لاءِ ڪو سخت قدم نه آهي. هي حقيقت کان بلڪل ابتڙ آهي" هن چيو هن وڌيڪ چيو ته هن اهو قدم جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جي سهڪار سان کنيو آهي ۽ مقصد آهي "اسٽريٽجڪ تياري وڌائڻ" پنهنجي تصديق واري ٻڌڻي دوران هن چيو ته "اسٽاف جي سائيز ۽ ميدان ۾ فتح جي وچ ۾ هڪ ابتڙ لاڳاپو آهي." هن وقت هن چيو ته فوج ۾ 44 فور اسٽار آفيسرن جون پوزيشنون هيون. ان کان پوءِ هن جوائنٽ چيفس آف اسٽاف جي چيئرمين. نيوي جي ٽاپ ايڊمرل ۽ نيشنل سيڪيورٽي ايجنسي جي ڊائريڪٽر کي هٽائي ڇڏيو.

15 بقايا

علائقي ۾ صورتحال وڌيڪ ڇڪتاڻ واري ٿي رهي آهي. اهو دهشتگردي جي هر شڪل ۾ مذمت ڪري ٿو هڪ بيان ۾. اسلامي تعاون تنظيم چيو ته جمون ۽ ڪشمير تي ڏکيءَ حرمتي کان هلندڙ تڪرار هڪ بنيادي مسئلو آهي جيڪو ڏکڻ ايشيا ۾ امن ۽ سلامتي کي متاثر ڪري ٿو جمون ۽ ڪشمير جي ماڻهن کي اڃا تائين انهن جي خودمختياري جي ناقابلِ تنسيخ حق کان محروم رکيو پيو وڃي، جيئن لاڳاپيل سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۾ شامل آهي. او آءِ سي چيو ته اها پاڪستان جي مسلسل صبر ۽ بين الاقوامي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي مطابق تڪرارن جي پرامن حل لاءِ عزم جي تعريف ڪري ٿي. اهو پاڪستان جي ان موقف جي به تعريف ڪري ٿو ته اهو ڇڪتاڻ نٿو چاهي. پر باهمي احترام ۽ ڪشميري عوام جي جائز خواهشن جي بنياد تي سفارتي لاڳاپن لاءِ تيار آهي. اسان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي ثالثي جي آڇ جي تعريف ڪريون ٿا

16 بقايا

پاليسي جو حامي آهي ۽ اميد آهي ته سفارتي ڪوششن سان صورتحال بهتر ٿي ويندي. قطري وزيراعظم محمد بن عبدالرحمان بن جاسم وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن ۽ خطي جي سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون. قطري وزيراعظم پاڪستان جي وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت جي واکاڻ ڪندي چيو ته هو ملڪ جي معيشت کي صحيح رخ تي آڻڻ لاءِ محنت ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي گهرو وزير محسن نقوي قطري وزيراعظم کي ڀارت جي جارحاڻي قدمن کان آگاهه ڪندي چيو ته پهلگام واقعي جي اڏاري جاچ جي پاڪستان جي آڇ اسان جي اصولي موقف کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿي.

17 بقايا

ي ڪر جي صورتحال، ٽيڪنيڪي رٿابندي، ڪنسلٽنٽس جي ڪارڪردگي سميت ٻين اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات جي موقعي تي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ وفد کي ريڊ لائين بي آر ٽي ريٽا ۾ درپيش مسئلن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ملاقات ۾ ڌرين ريڊ لائين بي آر ٽي ريٽا کي وقت سر ۽ ڪاميابي سان مڪمل ڪرڻ جو عزم ڪيو. ملاقات دوران ڳالهائيندي سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ريڊ لائين بي آر ٽي منصوبو شهر جي گنجيل آبادي وارن علائقن مان گذري رهيو آهي. جتي يوٽيلٽيز جي منتقلي هڪ تمام وڏو مسئلو آهي. هن چيو ته هي منصوبو اسان جي انتهائي اهم آهي. هن جي رستي ۾ پنج وڏيون يونيورسٽيون واقع آهن. هي منصوبو لکين شهرين جي فائدو پهچائيندو. نگران حڪومت دوران 9 مهينن تي هن منصوبي تي ڪم رڪيل رهيو جنهن جي ڪري منصوبي جو ڪم متاثر ٿيو. هن وڌيڪ چيو ته پنڪ بس سروس جهڙو ڪامياب منصوبن جو مقصد شهرين جي لاءِ سفري سهولتن کي بهتر بڻائڻ آهي.

18 بقايا

شديد پاڻي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ذريعن موجب، پنجاب حڪومت طرفان ارسا جي صلاحڪار ڪميٽي جي اجلاس ڪانپو بنا اجازت جي ٽي پي لنڪ ۽ سي جي لنڪ ڪئنالن مان پاڻي ڪڍڻ جي نمايان واڌ آئي آهي. جيڪا بين الصوبائي پاڻي ورچ جي اصولن جي ڀڃڪڙي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پنجاب پاڻي معاملي جي زيادتيون جاري رکيون آهن ۽ ارسا جي ضابطن کي نظرانداز ڪندي پنهنجي حصي کان وڌيڪ پاڻي کڻي رهيو آهي. جنهن سبب سنڌ جي زراعت ۽ واٽر سپلائي نظام کي شديد نقصان پهتو آهي. ذريعن موجب، پنجاب پاڻي معاملي جي زيادتيون بند نه ڪيون. پنجاب پاران سنڌو درياهه مان وڌيڪ پاڻي کڻڻ سبب سنڌ ۾ پاڻي کوٽ 50 سيڪڙو تي پهتي.

19 بقايا

پيرزاد ۾ لنجار برادري ۽ پيرزاده برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معمولي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي راڻيپور پوليس ليٽرائتي علاج لاءِ تعلقه اسپتال اوباڙو ۾ داخل ڪري ڇڏيو.

20 بقايا

رهيو ۽ ٻيهر ووٽنگ ۾ 325 ووٽ کڻي ڪامياب ٿي ويو. فريڊرش ميرٽس کي 630 سيٽن واري ايوان ۾ اڪثريت لاءِ 316 ووٽن جي ضرورت هئي. پر پهرين ووٽنگ ۾ ڪيس رڳو 310 ووٽ مليا. جيڪو ڪرسچن ڊيموڪريٽ اڳواڻ لاءِ هڪ وڏو ڌڪو هو. خاص طور تي ٻن مهينن کان وڌيڪ وقت بعد جڏهن هن جرمني جي عام چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ سومر تي هن جي مرڪزي ڪابي ڙر ساڙ ناهيل اتحاد وٽ پارليامينٽ ۾ ڪافي سيٽون آهن. پر لڳي ٿو ته 18 ايم پي جن کي سندس حمايت ڪرڻي هئي، انهن ڪيس ووٽ نه ڏنو 1949 ڪانپوءِ اهو پهريون ڀيرو آهي ته اڪثريتي اتحاد باوجود ميرٽس گهربل اڪثريت حاصل ناهي ڪري سگهيو جرمني جي آئين موجب اها ليڊر جي چوائس آهي ته ساڳئي ڏينهن ٻيهر ووٽنگ ڪرائي يا عوامي ايوان ٻن هفتن بعد ڪيس چونڊي. هن اڄ ئي ٻيهر ووٽنگ جو آپشن استعمال ڪيو ۽ گهربل ووٽن کان 9 ووٽ مٿي کڻي چانسلر چونڊجي ويو جرمني جي آئين مطابق ووٽنگ لاءِ ڪا حد مقرر ناهي. پر آخرڪار جيڪڏهن مڪمل اڪثريت حاصل نه ٿئي. تڏهن به اميدوار کي چونڊيو ويو. سياستدانن جي تجزيي مطابق، ميرٽس جي ناڪامي کي تذليل سمجهيو پيو وڃي.

21 بقايا

چوهاڻ پاران چونڊ نتيجن جو اعلان ڪيو ويو جنهن موجب وقار مهدي 111 ووٽن سان ڪاميابي ماڻي. جڏهن ته ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اميدوار نگهت مرزا کي 36 ووٽ مليا. اليڪشن ڪمشنر ٻڌايو ته 2 ووٽ غلط مارڪنگ سبب رد ڪيا ويا. ياد رهي ته هيءَ سيٽ پيپلز پارٽي جي سينيٽر تاج حيدر جي لاڏاڻي سبب خالي ٿي هئي. جڏهن ته وقار مهدي ان کان اڳ به سينيٽ جو ميمبر رهي چڪو آهي.

22 بقايا

داخل ڪرڻ جي مذمت ڪندي چيو آهي ته ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ بند ڪيو. هن چيو ته اڄ اسان ريهڪ گهرائي آهي، ان کان پوءِ پريس ڪانفرنس به ڪنداسين. هن چيو ته سنڌ جاڳي چڪي آهي. ڌرڻي ۾ شامل ماڻهن مٿان داخل ڪيس واپس وٺو.

23 بقايا

مبارڪباد ڏيندي پنهنجي بيان ۾ چيو ته وقار مهدي جي ڪاميابي پاڪستان پيپلز پارٽي (پي پي) تي عوام جي اعتماد جو واضح اظهار آهي. وڏي وزير وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي متحرڪ قيادت ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ ناقابل شڪست سياسي قوت بڻجي چڪي آهي. وڏي وزير زور ڏيندي چيو ته پي پي عوامي ۽ پارلياماني ٻنهي محاذن تي مسلسل ڪاميابي حاصل ڪري رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ ڪنهن ٻئي سياسي جماعت کي پي پي جهڙي مقبوليت حاصل ناهي.

24 بقايا

جي قتل ڪيس جي مکيه جوابدار جي موت ۽ شڪارپور پوليس جي تعريف بابت اسيمبلي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مون کان تقريبن هر پليٽ فارم تي ڪيترائي ڀيرا پڇيو ويو ۽ مون صرف اهو جواب ڏنو ته مون کي قاتل جي مئل يا جيئري گرفتاري جو يقين آهي ۽ مان ان حوالي سان سنڌ پوليس پاران کنيل قدمن کان مطمئن آهيان. جڏهن مون اهو سامعين کي ٻڌايو. تڏهن مان سکر جي دوري تي هيس. هن چيو ته جنهن ڏينهن کان صحافي جان محمد مهر کي شهيد ڪيو ويو، پوليس پنهنجي جاچ، تحقيق ۽ ثبوتن جي بنياد تي باقاعدي طور تي قاتلن جو تعاقب شروع ڪري ڇڏيو هو ۽ الحمدالله اسان جي پوليس اهو ڪري ڏيکاريو ۽ ڪاميابي کي پنهنجي نالي ڪيو ۽ ايس ايس پي شڪارپور ۽ سندس ٽيم انهن سيني قدمن جي تعريف جي لائق آهي. هن چيو ته شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي مثالي سزا ڏني وڃي، اهو صحافين جو هڪ پراڻو مطالبو هو هن چيو ته جڏهن مون گهرو وزير جي حيثيت سان چارج سنڀاليو هو ته اڌوا لاءِ پنگ هئي ترپ ۽ ٻين ڌرين جو انگ تمام گهڻو هو پر هاڻي ڌرين جي واقعن ۾ نمايان گهٽتائي آئي آهي. جڏهن ته هن وقت به هتي ترپ ٿيا آهن. جن ۾ شڪارپور ۽ ڪشمور شامل آهن. هن چيو ته شڪارپور ڪچي واري علائقي ۾ آپريشن ۽ مقابلي جي نتيجي ۾. ڏاڙيلن جا ڪيترائي ساٿي مارجي ويا آهن.

25 بقايا

آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اڄ في تولو سون 6 هزار 100 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 3 لک 56 هزار رپين کان به وڌي پهچي ويو آهي. ان ڪانسواءِ ڏهه گرام سون جي قيمت ۾ به 5 هزار 232 رپين جي واڌ ٿي جنهن ڪانپوءِ 3 لک 5 هزار 3 سئو رپين ٿي رهي آهي. ٻئي پاسي عالمي مارڪيٽ ۾ به سون جي اگهن ۾ واڌ ٿي آهي. جتي في اونس سون 61 ڊالر اضافي سان 3 هزار 377 ڊالر تي پهچي ويو آهي.

26 بقايا

۾ وڪوڙي سگهي ٿي. رسالي "نيوٽريشنز" ۾ ڇپيل تحقيق ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪڪڙ جو وڌيڪ استعمال هاضمي واري نظام سان لاڳاپيل ڪئنسر جي مختلف قسمن جو خطرو وڌائي سگهي ٿو عام طور تي ڪڪڙ کي صحت لاءِ فائديمند پروٽين جو ذريعو سمجهيو ويندو آهي. پر هن تحقيق جا نتيجا ان سوچ جي ابتڙ آهن. تحقيق ۾ ٻڌايو ويو آهي ته جيڪڏهن هفتي ۾ 300 گرام کان وڌيڪ ڪڪڙ جو گوشت کاڌو وڃي ته ڪنهن به سبب جي ڪري موت جو خطرو 27 سيڪڙو تائين وڌي سگهي ٿو اهڙي طرح هفتي ۾ اپتري مقدار ۾ ڪڪڙ کائڻ سان هاضمي واري نظام سان لاڳاپيل ڪئنسر جي مختلف قسمن ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو 2.3 سيڪڙو تائين وڌي سگهي ٿو خاص طور تي مردن ۾ هي خطرو 2.6 سيڪڙو وڌيڪ آهي اڄ کان اڳ ڳاڙهي يا پروسيس ٿيل گوشت کي سرطان جو سبب ڄاتو ويندو هو پر هي پهريون ڀيرو آهي جو ڪڪڙ کي به هاضمي جي ڪئنسر سان ڳنڍيو ويو آهي. تحقيق لاءِ اٽڪل پنج هزار وچولي عمر وارن اطالوي ماڻهن جي ڊيٽا جو جائزو ورتو ويو جن کان ڳاڙهي ۽ اڇي گوشت (ڪڪڙ) جي استعمال بابت تفصيل ورتا ويا. ماهرن موجب هي نتيجا دنگ ڪندڙ آهن ۽ ان بابت وڌيڪ سائنسي تحقيق جي ضرورت آهي.

27 بقايا

تنقيد ڪئي آهي. بشريٰ انصاري، جيڪا هن وقت يورپ جي دوري تي آهي. ڀارت طرفان والاريل ڪشمير ۾ ٿيندڙ جعلي ڪاروائين ۽ پاڪستان خلاف بيانن تي واضح موقف اختيار ڪندي جاويد اختر کي "ٻي بنياد الزامن" تي جواب ڏنو آهي. سوشل ميڊيا تي جاري هڪ وڊيو بيان ۾ هن چيو آهي ته "هي ڀارت ڪهڙو ڊرامو هلائي رهيو آهي؟ پهريان پنهنجي ناڪام پاليسين تي نظر وجهو، اهي حورتون جيڪي 40 سالن کان ڀارت ۾ رهي رهيون آهن. هاڻ ڪيئن واپس پاڪستان موڪليو پيو وڃي، آخر ڪيئن ويزا چو ڏني وئي هئي؟" اداڪارا جاويد اختر کي سڌي ريت تنقيد جو نشانو بڻائيندي وڌيڪ چيو ته "تون ته الله تي يقين به نٿو رکين ۽ پاڪستان خلاف زهر اوڳاڇين ٿو. عجيب ماڻهو آهين. سڀ ڪنڌڻ تي آهين. ايا به نه ٿو مڃين. گهٽ ۾ گهٽ نصيرالدين شاهه وانگر خاموش ٿي رهين."

28 بقايا

برادريءَ جي ماڻهن پاران صحافي جي گهر تي حملو 5 ڄڻا زخمي. ٽري ميرواهه تعلقي جي ڳوٺ ڏيڏاٿو ۾ صحافي دوست محمد سومرو جي گهر تي سندس ئي برادريءَ جي ماڻهن هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ صحافي پاڻ، سندس والد سميت 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. زخمين کي فوري طور ميرواهه اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڪين طبي امداد فراهم ڪئي وئي. جڏهن ته وڌيڪ طبيعت خراب ٿيڻ سبب ڪين خيرپور جي سول اسپتال ريفر ڪيو ويو. واقعي بابت رپورٽ ميرواهه ٿاڻي جي داخل ڪرائي وئي آهي پر پوليس طرفان اڃا تائين ڪا به گرفتاري يا اثرائتي ڪاروائي عمل ۾ نه آئي آهي. جنهن سبب متاثر خاندان ۾ بيچيني ۽ خوف جي لهر ڇانيل آهي. متاثر صحافي دوست محمد سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته سندس برادريءَ جي ماڻهن. جن ۾ ممتاز سومرو، الهوسايو، رمضان ۽ ياسين سومرو شامل آهن. ٻندن ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته حملو ڪندڙن سندس والد جي ٻانهن ڀڃي وڌي ۽ ڪيس ڪهاڙين سان وار ڪري سخت زخمي ڪيو. هن اعليٰ اختيارين. آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور کان پرزور اپيل ڪئي آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف سان گڏ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

29 بقايا

ايڪڙ زمين سمنڊ ڳڙڪائي چڪو مقامي ماڻهو ۽ ماهيگير لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم تائين پاڻي نه پهچڻ سبب انڊس ڊيلٽا وٽ لکين ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ ڳڙڪائڻ لڳو درياهه جي مٺي پاڻي جي کوٽ سبب ڊيلٽا ويجهو موجود آباديون لڏپلاڻ مجبور ٿي ويون آهن. جڏهن ته مهاڻن به پنهنجون ٻيڙيون ڪنارن تي بيهاري روزگار لاءِ پريشان آهن. انڊس ڊيلٽا. جتي ڪنهن زماني ۾ سنڌو ۽ سمنڊ جو ملاپ سنگم ٿيندو هو ۽ درياهه جو پاڻي سمنڊ کي اڳتي وڌڻ کان روڪيندو هو اڄ اتي درياهه جو مٺو پاڻي مڪمل طور غائب ٿي چڪو آهي. نتيجي طور، سمنڊ زرخيز زمينن کي ليپٽ ۾ آڻي رهيو آهي. سنڌو درياهه جيڪو پنهنجي وهڪري سان لکين ٽن مٽي کڻي ايندو هو اها مٽي سمنڊ ۾ پهچي نه رڳو آبي حيات جي سهارو ڏيندي هئي. پر ساحلي پٽيءَ کي وڌائڻ ۾ به اهم هوندي هئي. سمنڊ طرفان زمينن ڳڙڪائڻ سبب ڪناري لڳ شهر جهڙوڪ ڪيٽي بندر، ڪاروڇان، بگهاڻ، شاري شاهه ۽ ٻين علائقن جا رهواسي مٺي پاڻي جي کوٽ سبب سخت پريشان آهن ۽ ڪيترائي لڏپلاڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. انهيءَ صورتحال سبب مهاڻن جي گذر سفر به ڏکيو بڻجي ويو آهي. ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي جي کوٽ سبب سامونڊي پٽيءَ تي ماهيگيري ۽ زراعت تي ڪيڀاري ڌڪ رسايو آهي.

30 بقايا

پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ تصديق ڪندي ٻڌايو ته شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جو مک ڪردار شيرو مهر پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو آهي. ذريعن موجب، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ڪچي واري علائقي ۾ گڏيل آپريشن ڪيو ويو، جتي هٿياربندن سان سخت مقابلي ڪانپوءِ شيرو مهر مارجي ويو جيڪو صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ مک ڪردار طور نامزد هو. پوليس جو چوڻ آهي ته شيرو مهر ڪيترن ئي ڏوهن ۾ گهربل هو ۽ سندس گرفتاري لاءِ مختلف وقتن تي ڪوششون جاري رهيون.

31 بقايا

پهلگام واقعي کي جواز بڻائيندي دعويٰ ڪئي هئي ته بيلا نور شاهه ۾ دهشتگردن جون ٽريننگ ڪئمپ موجود آهن. پر عالمي ۽ پاڪستاني ميڊيا جي ٽيم لائين آف ڪنٽرول کان 26 ڪلوميٽر پري بيلا نور شاهه جو دورو ڪري علائقي جي اصل صورتحال منظرعام تي آندي. رپورٽن موجب، علائقي ۾ مڪمل امن آهي ۽ ماڻهن جي روزمره جي زندگي معمول موجب جاري آهي. دنيا تسليم ڪري رهي آهي ته هتي ڪا به ٽريننگ ڪئمپ نه هئي. مقامي رهواسين ڀارتي دعوائن کي رد ڪندي چيو ته هتي ڪڏهن به ڪائي ٽريننگ ڪئمپ ناهي رهي. ٻار اسڪول وڃي رهيا آهن. ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا کليل آهن ۽ سياح به ٻنا ڪنهن ڊپ جي علائقي جي خوبصورتي مان لطف اندوز ٿي رهيا آهن. هڪ مقامي پرنسپال ڇوپ ٻڌايو ته هو گذريل پنجن سالن کان ادارو هلائي رهي آهي ۽ ڪڏهن به ڪنهن شڪي سرگرمي يا دهشتگردي سان لاڳاپيل ڪا به ڳالهه نظر نه آئي آهي. سڌ سماءِ واري وفاقي وزير عطاالله تارڙ به ڀارتي الزامن کي بي بنياد ۽ کل جوڳو قرار ڏيندي چيو ته ڀارت جي حڪمت عمليءَ رڳو پروپيگنڊا تي ٻڌل آهي. هن چيو ته ڀارت نقشن تي دعوائون ڪري ٿو جڏهن ته اسان زميني حقيقتن کي ثابت ڪرڻ لاءِ پاڻ هتي آيا آهيون. سندس چوڻ هو بيلا نور شاهه جو پرامن ماحول ۽ قدرتي خوبصورتي ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته ڀارت جو هي الزام به ٻين الزامن جيان ڪوڙو ۽ جنگي جنون تي ٻڌل آهي.

32 بقايا

معراج ڏنو پيلاڻ پنهنجي ذاتي ٻني تي زمين سان گند گاهه ڪڍي رهيو هو جتي نسيم علي، يونس علي پيلاڻ ولد ڪارو پيلاڻ، سراج علي سمير علي سرمند علي پيلاڻ ميٺن ڪي سبزي واري زمين تي ڇڏي ڏنو جڏهن بعد ميٺن پيل ڪن پيون جنهن تان معراج ڏنو پيلاڻ هن نسيم علي يونس علي سمير علي سرمند علي سراج علي کي چيو ته ادا ميٺن ڪيو سبزي جي پيل پئي ٿئي. ائين چوڻ هو ته معراج ڏنو پيلاڻ مٿان نسيم علي يونس علي ٻئي پٽ ڪارو پيلاڻ جا، سراج علي سمير علي ٻئي پٽ ڪتوريو پيلاڻ ڪهاڙين سن لٺيون هٿين رتورت ڪري مرٽينگ ڪري ڇڏي گار گند ڏيندا فرار ٿي ويا، جنهن تي اسان اويس علي حامد علي پيلاڻ ۽ ٻيا پرپاسي زرا ڌانهن بعد پهچي نوجوان کي Rhc سينٽر راڻيپور کڻي آياسين، جتي طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي، جنهن بعد ڊاڪٽرن گمس گمبٽ منتقل ڪيو، اويس علي حامد علي پيلاڻ راڻيپور جي صحافين کي وڌيڪ ٻڌايو ته هن ٻانهن نوجوان کي ڪهاڙيون لٺيون سروٽا هٿي اڪت ماري قتل ڪري ويا، جنهن بعد اسان پاڙي وارن جلدي اسپتال پهچايو جتان ليٽر وٺي ڪيس فوري گمس اسپتال منتقل ڪري خطرناڪ صورتحال هوندي داخل ڪرايو آهي هٿن وڌيڪ چيو ته اسان پهريان به وڏيرو شفقت علي پيلاڻ کي ڏانهن ڏنيون پر هن به ڪو تدارڪ نه ڪيو ويو، هاڻ ته جديد هٿيار ڪٺي رستا روڪ ڪيون ويٺا آهن، هٿن اهو اطلاع راڻيپور ٿاڻي تي ڏنو آهي، پر ڪو هن وقت تائين تدارڪ ناهي ٿيو، هٿن وڌيڪ چيو ته نسيم علي يونس علي ولد ڪارو پيلاڻ، سراج علي سمير علي ولد ڪتوريو پيلاڻ ڀريان ٻه موت مار ڌمڪيون ڏيندا رهيا آهن، هٿن چيو ته اسان جي ڀاءُ معراج ڏنو پيلاڻ مٿان حملو ڪري سمجهه ته هو ماري چڪا آهن، هٿن مٿان ايف آءِ آر داخل ڪري گرفتار ڪري قانوني ڪروائي ڪئي وڃي، جيڪڏهن اسان سان انصاف نه ٿيو رهزن کي سزا نه ملي ته پوءِ احتجاج جو دائرو وڌائينداسين، جڏهن ته آخري اطلاعن موجب معراج ڏنو پيلاڻ جي طبيعت سڌي نه هٿي، رهزن خلاف ڪيس داخل ٿي نه سگهيو هو.

33 بقايا

شر برادري جي هٿيار بندن جي ڳوٺ محبوب سيلرو ۽ ڳوٺ نئدير پنو تي ڪاهه سخت فائرنگ ڪري ڏني جوابي فائرنگ ۾ ٽن پوليس اهلڪارن جي شهادت ۾ گهربل جوابدار شاهن شر مارجي ويو علي گل ۽ سنهڙو شر زخمي ٿي پيا ۽ پنابرادري جو نئدير پنو معمولي زخمي هٿياربندن مارجي ويل جولاش ۽ زخمين کي ڪٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ڪچي جا رستا سيل ڪيا آهن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري جهيڙي تي ضابطو آندو ويندو سفيع الله انصاري تفصيل موجب اوباڙو لڳ راڻوتي جي ڪچي واري علائقي ۾ هڪ دفعو ٻيهر قبائلي تڪرار ٻرڪي پيو رات دير سان شر برادري جي هٿيار بندن جي ڳوٺ محبوب سيلرو ۽ ڳوٺ نئدير پنو تي گهر مٿان ڪاهه ڪري جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪري ڏني. جتي تنهين ڌرين ۾ سخت مقابلو ٿي پيو سيلرن ۽ پنن جي جوابي فائرنگ ۾ شر برادري جو هٿيار بند شاهن شر موقعي تي مارجي ويو ۽ علي گل شر ۽ سنهڙو شر زخمي ٿي پيا رات جي اونداهي جو فائدو وٺندي ساٿي هٿيار بندن فائرنگ ڪندي مارجي ويل شاهن شر جو لاش ۽ زخمين کي کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هوڏانهن پنا برادري جو نئدير پنو پڻ معمولي زخمي ٿي پيو سخت فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف هراس پکڙجي ويو ان موقعي تي ايس ايڇ او سفيع الله انصاري ٻڌايو ته رات دير سان شرگينگ جي هٿيار بندن ڳوٺ محبوب سيلرو ۽ ڳوٺ نئدير پنو تي چڙهائي ڪري سخت فائرنگ ڪئي جتي سيلرن ۽ پنن جي جوابي فائرنگ ۾ شر گينگ جو هٿيار بند ٽن پوليس اهلڪارن جي شهادت ۾ گهربل جوابدار شاهن شر موقعي تي مارجي ويو ۽ ٻه ڄڻا علي گل شر ۽ سنهڙو شر زخمي ٿي پيا مارجي ويل جو لاش ۽ زخمين کي ساٿي کڻي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ نئدير پنو معمولي زخمي ٿيل آهي اطلاع تي پوليس جي وڏي نفري ساڻ ڪري واقعي واري هنڌ پهچي ڪچي طرف ايندڙ ويندڙ رستا سيل ڪيا آهن جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري جهيڙي تي ضابطو آندو ويندو

34 بقايا

جتي هن ڪوسو ۽ چوهاڻ برادريءَ جي قتل ٿيل چئن ڄڻن جي وارثن سان تعزيت ڪئي جيڪي اڄ تڪرار دوران ٽاڙو مارجي ويا هئا. ايم اين اي نعمان اسلام سان گڏ مختلف معزز سماجي ۽ سياسي شخصيتون پڻ موجود هيون ملاقات دوران نعمان اسلام شيخ ۽ ٻين اڳواڻن پاران سهڻو خان ڪوسو کي امن قائم ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي اپيل ڪئي وئي نعمان اسلام شيخ چيو ته سکر هڪ پرامن شهر آهي، قبيلائي جهيڙن سبب نه رڳو ڌرين پرعام شهري پڻ متاثر ٿين ٿا اهڙن تڪرارن ۾ صرف جاني ۽ مالي نقصان ٿئي ٿو جڏهن ته آخرڪار معاملو ڳالهين سان ئي طئي ٿئي ٿو وهن ڌرين کي اپيل ڪئي ته هو پرامن رهن ۽ مسئلن کي ڳالهين ۽ مفاهمت ذريعي حل ڪن

35 بقايا

ايئرويز ۽ ايئرفرانس سميت ڪيترين ئي عالمي ايئرلائينز پاڪستان جي فضائي حدن مان گذرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سبب انهن جي ڀارت ۽ ٻين ملڪن ڏانهن ويندڙ اڏامن جو سفر ڊگهو ٿي ويو آهي. لفٿانزا ايئرلائين 22 اپريل 2025 تي پهلگام حملي ڪانپوءِ پاڪستان ۽ ڀارت جي وڌندڙ تڪرار کي ڌيان ۾ رکندي باضابطه اعلان ڪيو آهي ته هو ايندڙ حڪم تائين پاڪستاني فضائي حدن جي استعمال کان پاسو ڪندي. ايئرلائين اختيارين موجب اهو فيصلو ٻين ايئرلائينز جي پاليسين کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي. جيئن ته ايئرفرانس، برٽش ايئرويز، سوئس انٽرنيشنل ايئرلائينز ۽ امارات پڻ پاڪستاني فضائي حدن کي نظرانداز ڪندي پنهنجن رستن جي تبديل ڪيو آهي. جنهن سبب اڏامن جو دورانيو وڌي ويو آهي ۽ ٻارڻ جو خرچ به وڌي ويو آهي.

36 بقايا

رد ڪري ڇڏي. مڪ قاتل منصور اوڍاڻ عدالت سگهوري ۾ حاضر نه ٿيو ڪات ڏيندڙ قاتل دانش پٽي عدالت ۾ پيش ٿيو عدالت سگهوري ٻنهي قاتلن منصور اوڍاڻ ۽ دانش پٽي جي ضمانت ماڏل ڪورٽ خيرپور جي عدالت جج علي ۽ بخش ٽيپو جي عدالت رد ڪري ڇڏي. شهيد صحافي اي ڊي شر جي قتل ڪيس جو جوابدار مڪ دانش پٽي ماڏل ڪورٽ مان ضمانت رد ٿيڻ کان پوءِ عدالت سگهوري مان نڪرندي ايس ايڇ او ٽري ميرواهه اسلم لغاري ڪيس گرفتار ڪري 15 مددگار سينٽر خيرپور انچارج شبير جمالي حوالي ڪيو جوابدار ضمانت رد ٿيڻ لاءِ عدالت آيو هيو جنهن بعد پوليس عدالتي احاطي مان ڪيس گرفتار ڪيو ويو

37 بقايا

ٻ حڪومت آمريت جي ياد تازي ڪري ڇڏي آهي. حڪمرانن کي ياد ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي ماڻهن کي ڪيسن ۽ گرفتارين سان جهڪائي نٿو سگهجي. سنڌو درياهه اسان جي جياپي جو ذريعو آهي. 6 ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ زمينن جو سودو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو. ڪيري ڪنڊڪوٽ، مورو، مليرن ۽ ٻين علائقن ۾ سماجي اڳواڻ شهناز شيخ، ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪندڙ ڊاڪٽر اعجاز مڱسي، ماني پهچائيندڙ نوجوانن، سياسي ڪارڪنن ۽ ٻين ماڻهن مٿان منشيات، ڦرلٽ ۽ ٻيا ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ بند ڪيا وڃن. اقتدار جي نشي ۾ مست حڪمران ياد ڪن ته اقتدار ڪجهه سالن لاءِ هوندو آهي. اهو ڇڏهو ۽ ڇڏهو آهي پر درياهه، وطن ۽ ڌرتي سدائين لاءِ هوندا آهن. حڪومت وٽ ايترين جيلون ۽ ٿاڻا ناهن جيترا ماڻهو پنهنجي درياهه لاءِ جدوجهد جي ميدان تي آهن. سنڌ حڪومت ٻڌائي ته ڪيترا ڪيس داخل ڪندا. ڪيترا ماڻهو گرفتار ڪندا. ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حڪمران پنهنجي اقتدار جي تابوت ۾ ڪوڪا ٺوڪي رهيا آهن. اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جا ماڻهو ڪوڙن ڪيسن ۽ گرفتارين کان نٿا ڊڄن. درياهه ۽ زمينن لاءِ هي جدوجهد جي شروعات آهي. لکين ماڻهو رستن ايندا. سڄي سنڌ بيدار ٿي چڪي آهي.

بقايا 01

ڪندا رهيا آهن پر بدي هڻڻ ڪري پورهيت انهن ظالمن جي تمام سازشن کي ناڪام بڻائيندا آهن هاڻ به انشاء الله نجڪاري ڪرڻ نه ڏينداسين اهڙن خيالن جو اظهار سيپڪو ڊويزن راڻيپور جي چيئرمين مقصود احمد ملاح غلام مصطفىٰ لاڙڪ , طالب حسين لنڊ محبوب الرحمان چاچڙو ارشاد سولنگي ۽ ٻين ڪيو هنن چيو ته اڄو اڄ به ڊسو ته مرڪزي واپڊا هائيڊرو ليبر يونين جي سڏ تي لکين پورهيت سڀ ڪم ڇڏي هن اعلانيل نجڪاري کي رد ڪن پيا , هنن وڌيڪ چيو ته سيپڪو ڊويزن راڻيپور سڀ ڊويزن جي هزارين پورهيتن ريلي ۾ شرڪت ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته اصل طاقت پورهيت وٽ آهي هو ڪڏهن به نه چاهيندو ته چند حڪمران آفيسرن جي چوڻ تي نجڪاري ڪرڻ ڏينداسين واقعي هي مسئلو به زندگي موت جو آهي جڏهن ته سيپڪو ڊويزن راڻيپور جي ريلي ڊويزن آفيس کان ڪڍي , جيڪا مختلف چوراهن کان ٿيندي پريس تي پهتي جتي اڳواڻن نه ڪيي نه ڪيي نجڪاري نه ڪيي جا نعرا هڻندا رهيا مزدور مزدور ڀائي ڀائي جا نعرا هڻندا اڳتي وڌندا رهيا جڏهن ته هي ريلي مختلف چوڪن چوراهن کان ٿيندي پريس ڪلب اڳيان سخت احتجاج ڪيو جنهن جي اڳواڻي مقصود ملاح غلام مصطفىٰ لاڙڪ طالب حيسن لنڊ محبوب رحمان ارشاد سولنگي ٻين چيو ته اسان پنهنجي جان ڏئي به نجڪاري ڪرڻ نه ڏينداسين , جڏهن ته سيپڪو ڊويزن راڻيپور جي چيئرمين مقصود احمد ملاح , غلام مصطفىٰ لاڙڪ , طالب حسين لنڊ ٻين راڻيپور جي صحافين جي ڀهترين ڪوريج ڏيڻ تي شڪريو ادا ڪندو.

بقايا 02

دنيا ۾ ڳايو ويندو آهي ۽ خاص ڪري آهي ڪردار جن وطن خاطر پنهنجي زندگي وقف ڪري ڇڏي اهي امر ڪردار هوندا آهن هو سڪرنڊ لڳ لڏو لال قبرستان ۾ ايس يو پي جي جاڪوڙي ورڪر غلام اصغر لاڪو جي 12 هين ورسيءَ جي موقعي تي مرحوم جي ڀاءُ خادم حسين لاڪو ۽ فرزند جمشيد لاڪو سان گڏ سنڌس قبر تي گلن جي چادر چاڙهڻ ۽ فاتحه خواني ڪرڻ وقت ڳالهائي رهيو هو هن چيو ته اسين سمجهون ٿا غلام اصغر لاڪو انهن ڪردارن مان هو. غلام اصغر لاڪو سياسي لاڳاپن ڪانسواءِ به سائين سيدن کي ويجهو رهيو سنڌس خلوص ۽ جدوجهد اڄ به ياد آهي اڄ جي ڪارڪنن کي غلام اصغر لاڪو جي سياسي جدوجهد مان سکڻ گهرجي سيد زين شاهه اهو به چيو ته ڪارڪن ڪنهن به تنظيم يا تحريڪ جو روح هوندا آهن پر اهي جن ۾ خلوص شامل هجي ۽ اڳتي به آهي وڌندا آهن جن جي باري ۾ سائين جي ايم سيد چيو آهي ته اوهان خوف ۽ لالچ ڇڏي ڏيو دنيا جي ڪا طاقت اوهان جو ڪجهه بگاڙي نٿي سگهي. ان موقعي تي مشهور قومي گيت " وڃي هر هر جنم وربو مٿا مهراڻ ۾ ملبو " پڻ پيش ڪيو ورسي تقريب ۾ ايس يو پي جو ضلعي سيڪريٽري فقير غلام مصطفي ڪيريو ايوب ڪوسو ، فلڪ شير اوڍ، قاسم سومرو، چڱل خان انڙ، علي سومرو، محمد علي جلباڻي، رمضان ڪيريو ، رضا بروهي، عمران ڪيريو رفيق چانڊيو ، جاويد چانڊيو سميت ايس يو پي جا ورڪر ۽ همدرد پڻ موجود هئا

بقايا 03

۾ جلسا ڪري جدوجهد تيز ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي جڏهن ته درياءَ بچايو تحريڪ تحت 18 مئي تي باغ جناح ڪراچي ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ ڀرپور شرڪت جو به فيصلو ڪيو ويو آهي سنڌ جي هيڊ ڪوارٽر قباءِ آڊيٽوريم ۾ صوبائي امير ڪاشف سعيد شيخ جي صدارت هيٺ ٿيل سنڌ جي هنگامي اجلاس ۾ سنڌ جي سياسي صورتحال ۽ سي سي آءِ اجلاس کان پوءِ جي حالتن جو جائزو وٺي پنهنجي وسيلن جي مالڪي توڙي سنڌ جي جائز حقن جي تحريڪ کي تيز ۽ دائرو وڌائڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس کي خطاب ڪندي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو ته ڪئنالن جي مسئلي تي سنڌ واسين پرامن ۽ ڀرپور احتجاج ذريعي پنهنجو سياسي شعور ڏيکاريو آهي عوام جي ڪوشش سان وقتي طور تي سهي سنڌ دشمن منصوبو پلٽي ڏڪجي ويو پر سازشون اڃا ختم نه ٿيون آهن ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪري ماڻهن کي حق حاڪميت کان محروم ڪيو پيو وڃي جيڪو ڪئنالن جي مسئلي کان به وڌيڪ خطرناڪ منصوبو آهي هن چيو ته پرڏيهي ادارن کي زمين ڏيڻ قومي خودمختياري کي به سوال اٿاري ٿو حقيقت ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ صرف لفظ نه پر سنڌ جي سوديبازي آهي ان منصوبي ۾ گورک هل ننگرپارڪر هاليجي ڍنڍ سنڌ جي ڪيٽل فارس ٺٽو ۽ بدين ۾ چينگا فارمن سميت هزارين ايڪڙ زمين شامل آهي ان سان گڏ ملير ۽ جامشورو جي هڪ لک اٺ هزار ايڪڙ بيلي ڪاٽي جي زمين به پرڏيهي ڪمپنين حوالي ڪرڻ جي تياري جاري آهي. عوامي ردعمل کان پوءِ پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت هاڻي ان کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جو نالو ڏئي رهي آهي سنڌوءَ تي ڪئنال اڏڻ کان وٺي ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي انهن مڙني سنڌ دشمن منصوبن جي پويان پيپلزپارٽي جو ڪردار مجرماڻو ۽ سهولتڪاري جو رهيو آهي تنهنڪري تاريخ ۽ سنڌ جا ماڻهو هن قومي مجرم پارٽي کي ڪڏهن به معاف نه ڪندا عوام بيدار ۽ پنهنجي وسيلن جي مالڪي واري جدوجهد لاءِ تيار رهي

بقايا 04

ملهائي وئي سالگرهه جي موقعي تي اطلاعات کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر درشن لال ۽ سينيئر صحافي ياسين ابڙو طرفان سينيئر صحافي راجا خان گاڏهيءَ جي سالگرهه جي دلدار تقريب ڪوٺائي ڪيڪ ڪاٽي ڪيس گلن جا هار پارائي ڪيس مبارڪباد ڏني ان موقعي تي اطلاعات کاتي جي اڳوڻي ڊائريڪٽر درشن لال ۽ سينيئر صحافي ياسين ابڙو جو چوڻ هو ته راجا خان گاڏهي هميشه حق ۽ سچ جو ساٿ ڏئي ايمانداري سان صحافت ڪئي آهي. اڄ سنڌس سالگرهه جي موقعي تي اسين راجا خان گاڏهيءَ جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي سنڌس وڏي ڄمار لاءِ دعاگو آهيون ٻئي پاسي نالپواري راڳي سجڻ سائري، مختيار ميراڻي علي سرور شاهه غلام اصغر مهر زاهد سوڍن ارشاد علي ٽوئيو خاور حسين پاڳٽ، وقاص ڪلهوڙو نصرالله گاڏهي رئيس نصرالله گاڏهي علي اصغر گاڏهي غلام مرتضي گاڏهي قادر گاڏهي اقبال گاڏهي عاشق رند، زاهد حسين گاڏهي آصف راجا خان گاڏهي غلام شبير گاڏهي وزير گاڏهي عرض محمد گاڏهي شڪيل گاڏهي نائب عمراڻي لياقت عمراڻي قاسم جسڪاڻي آزاد گاڏهي بشير گاڏهي ديدار گاڏهي مظهر گاڏهي فتح محمد گاڏهي ڏاڏو الهه ورايو عمراڻي نويد چانڊيو سميت مختلف مڪتبه فڪر سان واسطو رکندڙ راجا خان گاڏهي کي مبارڪون ڏيندي ڪيس گلن جا هار پارايا.

بقايا 05

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جديد ڊجيٽل دور ڏانهن اهم قدم کڻندي پنهنجي ريسرچ لائبريري کي خودڪار بڻائي ڇڏيو آهي. جنهن جي پهرين مرحلي ۾ 1500 قيمتي ڪتاب اسڪين ڪرڻ بعد آن لائن اپلوڊ ڪيا ويا آهن جاٿايل قدم انهن ٻه لک کان وڌيڪ ناياب ۽ منفرد ڪتابن رسالن ۽ تحقيقي مواد جي ڊجيٽلائيزيشن جي وڏي مهم جي شروعات آهي جيڪي انسٽيٽيوٽ جي آرڪائيوز ۾ رکيل آهن ان سلسلي ۾ انسٽيٽيوٽ جي ريسرچ لائبريري ۾ هڪ باقاعده افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن جو اهتمام ڊائريڪٽر غلام مرتضيٰ سيال ڪيو جنهن وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاڻي کي جامع بريفنگ ڏني جنهن بعد ليپ ٽاپ تي بٽڻ دٻائي وي سيءَ خودڪاري نظام جو افتتاح ڪيو تقريب ۾ استادن آفيسرن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ڪمپاڻيءَ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر جي قدمن جي ساراهه ڪندي چيو ته هي سنڌ يونيورسٽي جي تعليمي سفر جو هڪ تاريخي لمحو آهي هن چيو ته سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبريري جي ڊجيٽلائيزيشن سان ماضي جي علمي خزاني ۽ مستقبل جي تحقيق جي وچ ۾ پل جڙي ويندي جنهن سان ناياب ڪتابن ۽ دستاويزن کي آن لائن ڪري سنڌ جو علمي ورثو ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪيو ويندو هن چيو ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ سان محقق هاڻي بغير ڪنهن جاگرافيائي رڪاوٽن جي اسان جي وسيلن تائين رسائي حاصل ڪري سگهندا. هي قدم اسان جي وسيع ويزن کي ظاهر ڪري ٿو ته سنڌ يونيورسٽي کي ڊجيٽل ۽ عالمي سطح تي ڳنڍيل ادارو بڻايو وڃي. وي سيءَ وڌيڪ چيو ته اسان کي نئين ڄاڻ ۽ نواڻ لاءِ سيڙپڪاري جاري رکڻ گهرجي ته جيئن تيزيءَ سان بدلجندڙ تعليمي دنيا ۾ پنهنجو وجود برقرار رکي سگهون. هن چيو ته سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جو جاٿايل قدم خاص طور تاريخ، ثقافت ۽ ٻولي جي شعبن ۾ بين اللساني تحقيق کي هٿي ڏيندو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر غلام مرتضيٰ سيال وائيس چانسلر جا ٿورا مڃيندي چيو ته خودڪاري نظام کي باقاعدي اپڊيٽ ڪيو ويندو جنهن ۾ وڌيڪ ناياب عنوان تحقيقي مقالا، اخبارون ۽ قلمي مواد شامل ڪيو ويندو هن چيو ته هڪ اهڙو سرچ-فرينڊلي انٽرفيس (تلاش ۾ آساني پيدا ڪندڙ نظام) پڻ تيار ڪيو ويو آهي جنهن سان اسڪالر آسانيءَ سان پنهنجي گهربل مواد تائين رسائي حاصل ڪري سگهندا. وائيس چانسلر تقريب ڪانپوءِ لائبريري جو دورو ڪيو ۽ اتي موجود شاگردن ۽ محققن سان ڳالهه ٻولهه پڻ ڪئي.

بقايا 06

جي شديد گرمين ۾ ٻلي مان ٻرندڙ باهه مان سرون ڪڍي پيٽ گذر ڪرڻ وارا سورن ۾ ۽ عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن رپورٽ موجب وڳڻ جي علائقي ۾ ڪچيون سرون ٺاهيندڙ ۽ سرن جي ٻلن تي مزدوري ڪرڻ وارا مزدور سورن ۾ آهن اونهاري جي شديد گرمين ۾ ٻلي مان ٻرندڙ باهه مان سرون ڪڍي پيٽ گذر ڪرڻ وارا سورن ۾ ۽ عذاب واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻيل آهن ٻلي مان گرم سرون ڪڍڻ ڪري مزدورن جا هٿ باهه ۾ سڙي پون ٿا پر پوءِ به محنت ڪري پنهنجي گهر جي چلهه ٻارين ٿا پنهنجن ٻچن جون خواهشون پوريون ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات محنت ڪري انهن جون گهرجون پوريون ڪن ٿا پر ايڏي محنت ۽ مشقت باوجود به تمام گهٽ اجورو ملڻ ڪري ٻلي جي مالڪن جا قرضي ٿي وڃن ٿا ساڳي حالت ٻلي جون ڪچيون سرون ڪاهڻ وارن ۽ گڏهن تي سرون ڍوئڻ وارن جي به آهي تمام سخت گرمي هجڻ ۽ سخت محنت مشقت ڪرڻ باوجود به سهي نموني سان گهرجون ضرورتون پوريون نه ٿي سگهيون ڪچيون سرن لاءِ مٽي جي گڏ ڪان ويندي ڪالب ۾ وجهي سر تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي مرحلن مان گوهيل مٽي کي گذاريو وڃي ٿو تنهن بعد وڃي سر تيار ٿئي ٿي ۽ ان مرحلن ۾ سرون ڪاهيندڙ مزدور کي سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي , جڏهن ته ڪچيون سرون وري گڏ ڪري ٻلي ۾ پچائڻ لاءِ باهه ڏئي سرن کي باهه جي ڪوري ۾ وڌو ويندو آهي جتي پڻ پورهيتن کي سخت تڪليف سان منهن ڏيڻو پوي ٿو , سرن جي پچڻ بعد سرن کي ٻلي مان ڪڍڻ لاءِ باهه سان ڪيڏڻو پوي ٿو جيڪو عمل پورهيت لاءِ جان ڏيڻ جي برابر هوندو آهي , تيزاس ۽ سخت گرمي ۾ ٻرندڙ باهه مان نيهي گرم سرون ڪڍڻ ڪيترا ئي پورهيت سڙي زخمي ٿي چڪا ۽ پنهنجا جسم ساڙائي چڪا آهن جڏهن ته باهه ۾ سڙڻ ڪانپوءِ سهي طريقي سان علاج نه ٿيڻ ڪري سنڌن جا ڦٽ ناسور بڻجي ويا آهن ان حوالي سان سرن جي ٻلن تي ڪم ڪندڙ مزدورن ميرل دايو استاد رمضان ڪنبر وزير علي ارشاد علي ۽ ٻين ٻڌايو ته صبح جو سوير ٻلي تي ايندا آهيون پوءِ منجهند جو ٻارنهن کان هڪ ٿي ويندو آهي بنا ڪنهن وقفي جي اسين ڪم ڪندا آهيون , اڳ ۾ اسين هزار روپيا ڪمائيندا هئاسين پر هاڻي اسين ان جاءِ تي پنج سو روپيا به مس ٿا ڪمايون ۽ سيٺين ٻلي مالڪن کان وري گهر جي خرچ لاءِ به هزار روپيا وٺڻا پون ٿا اهڙي طرح اسين روزبروز ٻلي مالڪن جا قرضي ٿيندا ٿا وڃون گهٽ اجورو ملڻ ڪري اسان جي پوري نه ٿي پئي سخت محنت ڪري مٽي مان سرون تيار ٿا ڪيون اسان محنت ڪشن پورهيتن جو اجورو وڌايو وڃي.

بقايا 07

وڏي انگ ۾ سرڪل آفيس کان سکر پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ۽ پريس ڪلب سامهون ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي. احتجاجي ريلي ۽ ڌرڻي جي اڳواڻي يونين جي اڳواڻ ريجنل سيڪريٽري خليل احمد ڊومڪي، شجاع علي گهمس نظر محمد ميمڻ اشفاق احمد مهس سرور علي هڪڙو لالا نزاڪت پٺاڻ مقصود ملاح سيد زاهد حسين شاهه هدايت الله ڪوراڻي نديم ڪوسو عبدالخالق ساوند، عقيل احمد دايو عباس علي شاهه ماجد حسين شمس الدين انڙ نديم ڪوراڻي طاهر پيرزادو غلام محمد عباسي ڏاڏا ديدار حسين ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي مظاهرين واپڊا جي اسڪاني نجڪاري ۽ حڪومت جي ملازم دشمن پاليسين جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته حڪومت فوراً ملازم دشمن پاليسيون ختم ڪري هنن چيو ته ملازمن پنهنجو رت ۽ پگهر ڏئي کاتي کي ترقي جي راهه تي آندو آهي تنهن ڪري هن اداري جي نجڪاري ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته حڪومت فوري طور نجڪاري وارو فيصلو واپس وٺي ملازمن جي اندر پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪري محنتي ملازمن کي سندن جائز حق ڏنا وڃن ملازمن کي ميڊيڪل الائونس فوري طور تي ڏنو وڃي ڪين حادثن کان بچائڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن واپڊا ۾ نون ملازمن جي ڀرتي ڪئي وڃي، رٽائرڊ ۽ فوتي ملازمن جي اولاد کي نوڪريون ڏنيون وڃن جڏهن ته فوتي ملازمن جي بيواهن کي پلاٽ ۽ معاوضو مهيا ڪيو وڃي اڳواڻن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن جائز مطالبا نه مڃيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل کاتي جي آفيسرن ۽ اعليٰ عملدارن تي عائد ٿيندي

بقايا 08

سگهيو انتظاميه هينئر تائين ڪي به جوڳا اپاءَ نه ورتا شهر برساتي پاڻي ۾ ٻڏل شهري سخت تڪليف هيٺ اچ وڃ ڪرڻ لڳا انتظاميه جو صفائي کان ڪٿو جواب ڏئي ڇڏيو رپورٽ موجب پڪو شهر ۾ ٻه ڏينهن اڳ پيل برسات انتظاميه جي پٽ وائڪي ڪري ڇڏي آهي ان ڏس ۾ انتظاميه شهر سان برسات جو پاڻي نيڪال نه ڪرائي سگهي آهي پڪو شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ ڳوٺ پريو خان مغيري، ڳوٺ ديدڻ ڳوٺ گهوگهاري، ڳوٺ بجو مغيري، ڳوٺ عالم خان مغيري، ڪيترن علائقن مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگهيو آهي گهٽين ۾ گپ ۽ پاڻي بيهڻ ڪري شهري سخت تڪليف کي منهن ڏيڻ لڳا ان حوالي سان شهرين مولوي عزيز شعبان علي شفقت علي مشتاق اسد زاهد مغيري، حضور بخش بروهي، گلاب بروهي ۽ ٻين انتظاميه خلاف دانهيندي چيو ته برسات کي ٻه ڏينهن گذرڻ باوجود به انتظاميا برسات جو پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪو انتظام نه ڪيو آهي شهر سڄو برساتي پاڻي ۾ ٻڏل آهي برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ سبب ننڍيا وڏا ٽوڙي بزرگ ۽ عام شهري پڻ مشڪلاتن کي منهن ڏيي رهيا آهن ۽ شهر جا دوڪاندار پڻ پريشاني جو شڪار آهن ڪاروبار کي پڻ ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي جڏهن ته انتظاميه کي برساتي پاڻي جي نيڪال جون شڪايتون ڪيون آهن شهرين دانهيندي چيو ته ڊي سي قمبر ۽ ٻين وس وارن کان شهر مان برسات جو بيٺل پاڻي نيڪال ڪرڻ ۽ صفائي ستھرائي جي پڻ گهر ڪيون ٿا.

بقايا 09

منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ، سنڌن ڦڏن ۽ فسادن سان منهنجو ڪوبه واسطو ناهي، پيرسن پورهيت نظير جمالي جون ميڊيا آڏو دانهون. خبر موجب: باقراڻي واسي پيرسن پورهيت نظير جمالي پاران ڀاءُ ۽ ڀائيٽن جي ناجائزين خلاف پريس ڪلب باقراڻي اڳيان احتجاج ڪندي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته منهنجي ڀاءُ ممتاز جمالي، نديم جمالي ، ڀائيٽن نويد جمالي ۽ ٻين منهنجو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، روز ڪنهن نه ڪنهن سان مسئلو آهي سنڌن ڦڏن مان تنگ ٿي ويو آهي جڏهن ته مان گذريل 10 سالن کان پنهنجي ڀاءُ ۽ ڀائيٽن سان نه رهندو آهي نه وري منهنجو انهن سان رابطو آهي، مان غير شادي شده ۽ اڪيلو رهندو آهيان، ڏينهن جو مزدوري ڪري پيٽ پاليندو آهيان ۽ رات جو پريس ڪلب باقراڻي ۾ بطور چوڪيدار رهندو آهيان، سنڌن ڦڏن ۽ فسادن سان منهنجو ڪوبه واسطو ناهي، پيرسن پورهيت ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ ، ايس ايس پي لاڙڪاڻو چوڌري احمد ۽ ڊي ايس پي باقراڻي ميرامداد ڏاليرو ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪئي ته مون کي منهنجي ڀائرن، ڀائيٽن ۽ سنڌن مخالفن کان تحفظ فراهم ڪري سنڌن ظلم کان بچايو وڃي.

بقايا 10

جي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي نوابشاهه جي سينيئر صحافي مرحوم ڪامران عزيزالله ابڙو جي لاڏاڻي تي سنڌس رهائشگاهه پهچي مرحوم جي پٽ صحافي ڪاشف عزيزالله ابڙو ۽ ڀاءُ حبيب الله ابڙو سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي غلام مرتضيٰ جتوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته "چولستان ٿر ۽ ڪاچي جهڙن علائقن ۾ جن ماڻهن کي زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ڏنيون ويون آهن اتي خدشو آهي ته جيڪڏهن واقعي ڪارپوريٽ فارمنگ شروع ڪئي وئي ته نيون ڪينالن جو نڪرڻ لازمي ٿيندو " هن وضاحت ڪندي چيو ته "اهي رڳو ڪينال اسڪيمون عارضي طور تي روڪيون ويون آهن ختم نه ڪيون ويون آهن. ڪنهن به نئين ڪينال جي منظوري بنا چئن صوبن جي رضامندي جي نه ٿي سگهي " هن قومي حڪومت بابت ڳالهائيندي هن چيو ته "قومي حڪومت جوڙي وڃي ٿي ته انهن کي ئي خبر هوندي مون کي ان حوالي سان ڪا اطلاع ناهي، البت تبديلي ضرور ايندي هن سال ۾ اچي يا ٻن سالن ۾، پر ايندي پڪ سان دنيا جي ڪا به شيءِ مستقل ناهي عروج کي زوال ۽ زوال کي عروج ضرور آهي " پنهنجي سياسي پسمنظر تي روشني وجهندي غلام مرتضيٰ جتوئي چيو ته "نوابشاهه هميشه کان اسان لاءِ مضبوط قلعو رهيو آهي منهنجو والد غلام مصطفيٰ جتوئي 1962 ۽ 1966 ۾ هتي کان ڪامياب ٿيو جڏهن ته ڏاڏا 1924 ۽ 1928 ۾ هن علائقي جا نمائندا رهيا. اسان هتي جي عوام سان سدائين لاڳاپيل رهيا آهيون" هن وڌيڪ چيو ته "اڄ مان هتي رڳو تعزيت لاءِ آيو آهيان منهنجو پٽ ايندو رهندو آهي پر هن مهل ڪجهه ڪيس داخل ٿيل آهن تنهن ڪري هو هينئر باهر نٿو اچي مان پنهنجي پراڻن دوستن سان ملاقات لاءِ نوابشاهه آيو آهيان اسان پنهنجي ساٿين جي ڏکن سکن ۾ ساٿس گڏ آهيون مرڻو پرڻو انهن سان ئي آهي"

بقايا 11

مادرعلمي ۽ ان جي ڪئمپسز ۾ پهرئين سيمسٽر جا امتحان 19 مئي 2025ع کان شروع ڪرائڻ جو اعلان ڪندي اونهاري جون موڪلون 16 جون کان 10 آگسٽ تائين ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو جڏهن ته يونيورسٽي 11 آگسٽ (سومر) تي ٻيهر کلي ويندي اهڙو فيصلو گذريل ڏينهن سينيٽ هال ۾ منعقد ٿيل اعليٰ سطحي اجلاس دوران پڪو ڪيو ويو اجلاس جي صدارت وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل الرحمان ڪمپاڻي ڪئي جڏهن ته اجلاس ۾ پرو وائيس چانسلرن مختلف فيڪلٽين جي ڊينز ۽ شعبي جي سربراهن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ يونيورسٽيءَ جي مين ڪئمپس ۽ ٻين سڀني ڪئمپسن تي 19 مئي کان پهرئين سيمسٽر جي امتحانن جي شيڊول جي منظوري ڏني وئي امتحانن جا وقت صبح جي شفٽ لاءِ صبح 9 وڳي کان 12 وڳي تائين جڏهن ته شام جي شفٽ لاءِ 12 وڳي کان 3 وڳي تائين مقرر ڪيا ويا اجلاس کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر ڊاڪٽر ڪمپاڻي چيو ته يونيورسٽي شاگردن جي ڀلائي ۽ تعليمي ضابطن بابت پرعزم آهي هن خوشخبري ٻڌائيندي چيو ته هلندڙ سال 800 ضرورتمند ۽ لائق شاگردن کي نيڊ-ڪم-ميرٽ بنيادن تي اسڪالرشپس ڏنيون وينديون جنهن لاءِ اهل اميدوارن جا انٽرويو سڀاڻي (اربع) کان شروع ٿيندا. هن چيو ته اسان پنهنجي شاگردن کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون ان سلسلي ۾ تازو هاسٽلن ۾ رهندڙ شاگردن لاءِ مفت انٽرنيٽ سهولت فراهم ڪرڻ شامل آهي ڊسمبر 2024ع ۾ ورتل ٻئي سيمسٽر جي امتحانن جا ڪجهه نتيجا جمع نه ڪرائڻ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي وائيس چانسلر امتحاني نتيجا جمع نه ڪرائيندڙ ٽيچرز لاءِ حتمي تاريخ 11 مئي مقرر ڪئي ته جيئن هو پنهنجا نتيجا جمع ڪرائين. هن واضح لفظن ۾ چيو ته هو هاڻي وڌيڪ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪندو ۽ تعليمي شيڊول تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته جيڪي استاد نتيجا نه پيا ڏين انهن جي ڪري شاگردن جو قيمتي وقت ضايع ٿي رهيو آهي ۽ ان جي پوري ذميواري انهن استادن تي لاڳو ٿئي ٿي ڊاڪٽر ڪمپاڻي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته سنڌ جي نئين قائم ٿيل يونيورسٽين سان لهه وچڙ ۾ اچن ته جيئن انهن کي سافٽ ويئر جون سهولتون ۽ ٻي ٽيڪنيڪي سروس ڪمرشلائيزيشن جي بنياد تي فراهم ڪري سگهجن. هن چيو ته انهن يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن طرفان اهڙيون درخواستون پڻ ڪيون ويون آهن ان موقعي تي مين ڪئمپس جو پي وي سي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالستار شاهه، ٿرڊ ڪئمپس جي پي وي سي پروفيسر ڊاڪٽر مصباح بيبي قريشي ۽ رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر مشتاق علي جاريڪو پڻ موجود هئا.

بقايا 12

شعبي پاران امن قائم ڪرڻ سماجي هم آهنگي گڏيل اتحاد ۽ امن جي قيام جي عنوان سان هڪ ٿيٽر SHARP NACTA يورپي يونين (EU) ۽ گڏيل قومن جي منشيات ۽ ڏوهن جي آفيس (يو اين او ڊي سي) جي سان سهڪار سان پيش ڪيو ويو. يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ميريٽوريس پروفيسر ڊاڪٽر يوسف خشڪ جي سرپرستي هيٺ منعقد پروگرام ۾ ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز شعبي جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الرحمان ابڙو شارپ ۽ ٻين ادارن جا ٿورا مڃيا جن جي سهڪار سان ڪامياب پروگرام منعقد ٿيو پروگرام جو مقصد تعليم ۽ صنعت جي وچ ۾ تعلق وڌائڻ سان گڏ جنهن سان آرٽ ، ميڊيا ۽ ثقافتي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ آهي. گڏو گڏ ٿيٽر ذريعي نه صرف شاگردن جي عملي مهارتن کي بهتر بڻائڻ ۾ ڪارگر پر تخليق ۽ رابطي جي صلاحيتن کي به هٿي ڏيڻ ۽ تنقيدي سوچ کي وڌائڻ غلط ڄاڻ جي روڪٿام ۽ پرامن ڳالهين کي فروغ ڏيڻ هو جيئن تڪرارن کي پرامن طريقي سان حل ڪري سگهجي ان موقعي تي ڊين فيڪلٽي آف سوشل سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر نويد احمد شيخ چيو ته امن صرف جنگ سان نه پر گڏيل فيصلن ۽ اتفاق راءِ سان اهڙن تڪرارن کي حل ڪرڻ گهرجي انسٽيٽيوٽ آف ڪامرس جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر اختيار احمد گهمرو روين جي اثرن بابت ڳالهائيندي چيو ته اسين پاڻي تي وڙهون ٿا پر اصل مسئلو ان جي غير منصفاڻي ورڇ آهي. ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الرحمان ابڙو چيو ته ڪو به عمل عام ماڻهن جي حقيقتن طئه ٿيل هجي ان موقعي تي شارپ جي افضل وسيلن جي منصفاڻي ورڇ جي حمايت ڪندي چيو ته پڇڙي جي علائقن کي پاڻي تي وڌيڪ حق حاصل آهن اهڙن تڪرارن جو حل ڳالهه ٻولهه ذريعي ئي ممڪن آهي ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر منير احمد شاهه راشدي، پروفيسر ڊاڪٽر نظر حسين ڦليوٽو پروفيسر ڊاڪٽر ساجد ميراڻي ڊاڪٽر مظفر سيروهي، احمد علي ميمڻ نديم ديس فرحان نوناري، شفقت چاچڙ حٽي بلوچ، عرفان لاشاري، عبدالله شاهه عبدالرزاق پاپس زوهيب لاشاري، علي اصغر مهس روحابا ۽ ٻين شرڪت ڪئي. پروگرام ۾ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري امن هم آهنگي ۽ سماجي سهپ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي شارپ جي اڳواڻ عاطف افضل ۽ ٿيٽر جي ڊائريڪٽر پاران ڊين پروفيسر ڊاڪٽر نويد احمد شيخ کي يادگاري شيلڊ پيش ڪئي وئي

بقايا 13

پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين جي مرڪزي قيادت جي فيصلي جي روشني ۾، واپڊا ۽ ان جي تقسيم ڪار ڪمپنين جي نجڪاري، نون ملازمن جي ڀرتين تي پابندي ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويو ان سلسلي ۾ نوابشاهه ڊويزن حيسڪو جي سڀني محنتڪش ملازمن ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهري جي شڪل ۾ هڪ احتجاجي ريلي نوابشاهه اولڊ پاور هائوس منوآباد آفيس کان شروع ٿي جيڪا پريس ڪلب تائين پهتي ان ريلي جي صدارت زونل چيئرمين ۽ چيئرمين انور حسين چانڊيو ڪئي. احتجاجي ريلي ۾ واپڊا سان لاڳاپيل سوين ملازمن شرڪت ڪئي ريلي کي انور حسين چانڊيو اصغر خاصخيلي، اصغر ملاح، سيد جبدار شاهه، غلام سرور لاشاري، سرفراز ميمڻ شاهنواز بروهي علي گوهر انڙ رمضان راهو مقبول گيهاڻي رحمان زرداري، سيد ابرار شاهه سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته واپڊا يونين بجلي جي تقسيم ڪار ڪمپنين جي نجڪاري واري فيصلي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ٿي ۽ ان عمل کي فوري طور روڪڻ جو مطالبو ڪري ٿي ته جيئن ملازمن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ٿي سگهي هنن زور ڀريو ته خالي اسامين تي ڀرتي ڪئي وڃي، لائن اسٽاف سان ٿيندڙ وڌندڙ حادثن جي روڪٿام لاءِ آئوٽ سورسنگ ڪئي وڃي، جن ملازمن کي ڏورانهن علائقن ۾ بدلي ڪيو ويو آهي تن کي سندن اصل شهرن ۾ واپس مقرري ڏني وڃي، جڏهن ته ڪنٽريڪٽ ملازمن کي فوري طور ريگيولر ڪيو وڃي هنن چيو ته سڀني ڊويزنز ۾ T&P ۽ گاڏيون مهيا ڪيون وڃن هنن چيو ته اسان جي يونين ملڪي سطح تي اهڙن سڀني قدمن کي چئلينج ڪري ٿي، جن سان ادارن کي تباهي عوام جي مفادن کي نقصان ۽ مزدورن جي روزگار جي تحفظ کي خطرو آهي هنن چيو ته هن احتجاج جو مقصد عوام کي آگاهه ڪرڻ آهي ته ملڪ جي هن اهم اداري ڏانهن کي ڪيئن غير ملڪي قوتون تباهي طرف ڌڪي رهيون آهن جنهن جي خلاف اسان سڀني کي گڏجي جدوجهد ڪرڻي پوندي احتجاج دوران واپڊا ملازم مرحوم شاهد خان ۽ ٻين لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي ريلي جو اختتام نوابشاهه پريس ڪلب اڳيان ڪيو ويو.

بقايا 14

جي شادين جا خطرناڪ انگ اکر ٻارن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ ملڪ گير تنظيم ساحل پنهنجي ساليانو رپورٽ "ظالمانه انگ اکر 2024" جاري ڪري ڇڏي آهي جيڪا پاڪستان جي 81 قومي ۽ علائقائي اخبارن جي مانيٽرنگ جي بنياد تي تيار ڪئي وئي آهي رپورٽ ۾ سال 2024 دوران ٻارن سان جنسي زيادتي ۽ عورتن خلاف تشدد جا ڳڻتي جوڳا انگ اکر پيش ڪيا ويا آهن جيڪي معاشري ۾ وڌندڙ انساني حقن جي ڀڃڪڙي کي ظاهر ڪن ٿا ٻارن سان جنسي زيادتي جا انگ اکر ساحل جي رپورٽ مطابق سال 2024 دوران ٻارن سان جنسي زيادتي جا مجموعي طور تي 3,364 ڪيس سڄي ملڪ مان رپورٽ ٿيا 1791 ڪيسن (53٪) ۾ متاثر ڇوڪريون 1573 ڪيسن (47٪) ۾ متاثر ڇوڪرا اوسطاً روزانو 9 کان وڌيڪ ٻار جنسي زيادتي جو شڪار ٿيا اهم ڏوهن جي تفصيل هن ريت آهي اغوا: 1,204 ڪيس بدفعلي: 566 ڪيس جنسي تشدد: 539 ڪيس ٻارن جو گم ٿي وڃڻ: 241 ڪيس زيادتي جي ڪوشش: 159 ڪيس بدفعلي جي ڪوشش: 116 ڪيس اجتماعي بدفعلي: 108 ڪيس اجتماعي زيادتي: 75 ڪيس زيادتي بعد قتل: 56 ڪيس ننڍي عمر جي شاديون: 45 ڪيس (43 ڇوڪريون 2 ڇوڪرا) مجرمن جي سڃاڻپ رپورٽ موجب، گهڻا مجرم متاثر ٻارن جا واقفڪار هئا، جن ۾ مائٽ، پاڙيسري، ۽ مذهبي استاد شامل هئا. جيڪي ڀروسي جي ناتي کي لتاڙي ڪري سنگين جرم جا مرتڪب ٿيا علائقائي ورهاست سڄي ملڪ مان رپورٽ ٿيل 3,364 ڪيسن جي صوبي وار ورهاست هيٺ ڏنل آهي پنجاب: 78٪ سنڌ: 12٪ خيبر پختونخوا: 4٪ اسلام آباد: 4٪ بلوچستان، AJK، GB: 2٪ هڪ اميد افزا ڳالهه اها آهي ته 93٪ ڪيس پوليس سان رجسٽر ٿيا جيڪا قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي ۾ سڌاري جي علامت آهي عورتن خلاف تشدد نئون باب ساحل پنهنجي رپورٽ ۾ پهريون دفعو عورتن خلاف تشدد تي به تفصيل سان روشني وڌي آهي جتي سڄي ملڪ جي مختلف حصن مان 5,253 ڪيس رپورٽ ٿيا انهن ڪيسن ۾ قتل، اغوا جسماني تشدد، جنسي زيادتي، خودڪشي ۽ غيرت جي نالي تي قتل شامل آهن قتل: 1,373 اغوا: 954 جسماني تشدد: 685 زيادتي: 611 خودڪشي: 443 عمر ۽ مجرمن جي سڃاڻپ رپورٽ مطابق 21—30 سالن جي عمر جون عورتون سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيون جڏهن ته ٻيو نمبر 11—20 سال جي عمر جي عورتن جو رهيو 34٪ ڪيسن ۾ مجرم متاثر عورتن جا واقفڪار 13٪ مڙس 12٪ اجنبي 21٪ ڪيسن ۾ مجرم جي سڃاڻپ درج نه ڪئي وئي صوبي وار ورهاست (عورتن خلاف تشدد) پنجاب: 74٪ سنڌ: 15٪ خيبر پختونخوا: 7٪ اسلام آباد: 2٪ بلوچستان، AJK، GB: 2٪ نتيجو ۽ سفارشون ساحل جي "ظالمانه انگ اکر 2024" رپورٽ جو مقصد ٻارن ۽ عورتن خلاف ٿيندڙ ظلمن بابت شعور پيدا ڪرڻ پاليسين کي اثرائتو بڻائڻ ۽ تحفظ جي نظام کي مضبوط ڪرڻ آهي تنظيم حڪومت، پوليس، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا کان مطالبو ڪري ٿي ته اهي گڏجي ڪم ڪن قانوني نظام ۾ سڌارا آڻين ۽ ظلم جي روڪٿام لاءِ مضبوط قدمن کي يقيني بڻائين هي رپورٽ معاشري لاءِ هڪ ويڪ اپ ڪال آهي جيڪا ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان ۾ ٻارن ۽ عورتن جي تحفظ لاءِ وڌيڪ سنجيده، منظم ۽ موثر لاڳاپا اختيار ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

بقايا 15

سبب لٺيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا هڪ عورت سميت پنج ڄڻا زخمي اسپتال داخل زخمين ۾ مسمات گلشاد چنڙ عبدالله نصرالله عمراڻي محمد يوسف چنڙ ۽ مير محمد چنڙ شامل جڏهن ته ٻن ڄڻن مير محمد ۽ يوسف چنڙ جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري نواب شاهه اسپتال ريفر ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مير محمد چنڙ ٻڌايو ته سرڪاري آساسي جي 3 ايڪڙ زمين تي عبدالله عباسي وارن قبضو ڪيو ڪيس به عدالت ۾ هليو جيڪو فيصلو اسان جي حق ۾ آيو هن چيو ته تازو تيز طوفان سبب اسان جي گهر ۾ وڻ ڪري پيو جيڪو اڌ مخالف جي زمين ۾ ڪريو جنهن تان عبدالله ڪلهوڙو غفار ماڇي ۽ نصرالله هجم لٺيون ڪلي وڻ ڪٽڻ آيا منع ڪرڻ تي هنن اسان مٿان لٺيون ڪهاڙيون هڻي اسان جي عورت سميت ٽن ماڻهن کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا هنن چيو ته جاٿايل مخالفن کي بااثرن جي سپورٽ حاصل آهي اسان غريب مسڪين ڳوٺ مان لڏائڻ چاهين ٿا هن چيو ته خدارا حملي آورن جوابدار گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 16

۽ ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ ڌمڪيون ڏيڻ جو الزام . انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ جي گهر تفصيلي خبر موجب سيٺارجا پرسان ڳوٺ گل خان لنڊ جي رهواسي محرم علي لنڊ سٺي پريس ڪلب سيٺارجا پهچي احتجاج ڪندي دانهيو آهي ته سندن والد گل خان لنڊ مرحوم جي زرعي زمين جو ڀائرن علي گل محمد بجل. علي گوهر ريونيو عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري فوتي کاتو تبديل ڪري مون سميت ڀينرن جي حصي ڏيڻ بدران سموري زمين پنهنجي نالن تي ڪرائي ڇڏي آهي جنهن عمل خلاف عدالت سگهوري ۾ پٽيشن داخل ڪرائي آهي جنهن بعد مون کي ۽ حصو گهرندڙ ڀينرن کي ڪيس تان هٿ ڪڻ لاءِ ڀائرن ۽ محبوب علي پاران مختلف ماڻهن معرفت ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

بقايا 17

پهچي احتجاج تفصيل موجب پيروسڻ پرسان ڳوٺ محمد پنجل شر جي رهواسڻ عورت مسمات غلام ظهران شر پنهنجن پٽن رجب علي شر ۽ بخت علي شر کي ساڻ ڪري پريس ڪلب پيروسڻ تي پهچي وئي عورت ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڳوٺ محمد پنجل شر ۾ مونکي پنهنجي پيءُ ڏني بخش شر جي زرعي ملڪيت 8 ايڪڙن مان حصو گهرڻ تي منهنجا سڳا ڀائر عبدالله شر حبيب الله شر حليم الله شر ۽ انهن جا پٽ صدام حسين شر حسيب ڪريم شر ۽ نعمت الله شر اسان کي موت مار ڌمڪيون ڏنيون آهن ۽ اسان کانئس کان هڪ جريب زرعي زمين خريد ڪيو هو جنهن جا سڀ دستاويز اسان وٽ موجود آهن جنهن ۾ اسان کي سرڪاري گهر نٿا ٺاهڻ ڏين ويٺا ڌمڪائي رهيا آهن وڌيڪ هنن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته اسان کي پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان حصو ڏنو وڃي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 18

هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺڻ جي اپيل رپورٽ موجب دڙو سميت ڀرپاسي جي مختلف يونين ڪائونسلز خانيون لاڪيون بچل گگو ٻنون, مراد پور حسين پور اڪبر شاهه ۽ ڪندور جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا تيزي سان پکڙجڻ لڳي آهي مليريا جي چيڪ اپ ڪرائيندڙ رپورٽ مطابق نجي اسپتالن کي ڇڏي ڪري فقط سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر دڙو بي ايڇ يو ڪانڊڙ، لاڪيون ٻنون راهوٽ، ڪوٽ عالمون جي وزٽ جائزي مطابق هڪ مهيني ۾ مليريا جون 8 هزار کان وڌيڪ ٽيسٽون ڪيون ويون جنهن ۾ 6 هزار کان وڌيڪ ڪيس پازيٽو آيا آهن تازو دڙو ٻنون لاڪيون سميت مختلف علائقن ۾ آيل مٽي جي طوفان بعد مسلسل هڪ هفتي کان بجلي جا پول ڪرڻ ۽ بجلي جي عدم فراهمي سبب شديد گرمي ۽ مڇر مار ڦوهارو نه ٿيڻ ڪري مليريا وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي سرڪاري ۽ خانگي اسپتالون مريضن سان سٽجي ويون آهن رورل هيلٿ سينٽر دڙو بي ايڇ يو ڪانڊڙ لاڪيون ٻنون راهوٽ ۽ ٻين ڳوٺاڻي صحت مرڪزن ۾ ڊاڪٽرن سميت بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب علاج لاءِ ايندڙ مريض سخت پريشان آهن اسپتالن ۾ مليريا جي ڪٽون اڻلڀ ٿي ويون آهن جڏهن ته صحت کاتي سجاول جي ڊي ايڇ او پاران اسپتالن کي بهتر بنائڻ وارين دعوائن جو پول کلي ويو آهي دڙو ٻنون لاڪيون ۽ ڀرپاسي جي رهواسين پاران سنڌ حڪومت، ڊي سي سجاول ۽ صحت کاتي جي اعلي اختيارين کان هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 19

مغيري، محمد يوسف شاپراڻي، عبدالقادر ڪڳڙ، غلام شبير ڦلهوجي اڳواڻي ۾ فاضل راهو چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ شهر جي سياسي سماجي تنظيمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي کي شهري اتحاد جي صدر معشوق علي ڦليپوٽو مولوي محمد ياسين ڪانڊرو محمد عمر چنو ۽ عنايت ٽونيو خطاب ڪيو اڳواڻن چيو ته نصير آباد سيپڪو عملدارن شهرين کي هزارن ڊيڊڪشن بل ٽوڙيا آهن هي ماڻهون سڌ ڏائي ناهن عوام دشمن کي شهر اندر ڪڏهن به برداشت ڪونه ڪيو ويندو هنن سان پرامن جدوجهد جي ذريعي تحريڪ جاري رهندي شهر واسي سمجهن ٿا ته هي سڄو ڊرامو لائين سپريڊنٽ الطاف سوريو جو رچايل آهي جيسٽائين الطاف سوريو کي هٽايو نٿو وڃي نصير آباد ۾ معاملا ائين رهندا اعلي عملدارن کي چئون ٿا ته ڪارين رڍن کي نڪيل وجهو ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

بقايا 20

جي حمايت ۽ مودي سرڪار جي مخالفت ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي مسلم ليگ نون جي صدر ابراهيم ڪمبو گلزار احمد ميمڻ موٽر سائيڪل ايسوسيئيشن جي سڪندر ميمڻ ۽ دفاع پاڪستان زنده باد موومينٽ چيئرمين سنڌ سميع انصاري جي اڳواڻي ۾ شهيد بي نظير ڀٽو چوڪ کان بدين پريس ڪلب تائين موٽر سائيڪل رڪشا ۽ ٽريڪٽر ٽرالين تي ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ مسلم ليگ نون موٽر سائيڪل ايسوسيئيشن ۽ دفاع پاڪستان زنده باد موومينٽ جي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي پاران پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وئي ريلي ۾ شريڪ شهرين جي هٿن ۾ بينر هئا جنهن تي ڀارت پاران ڪيل آبي دهشتگردي خلاف نعرا درج ٿيل هئا پاڪستان زنده باد ۽ پاڪ فوج زنده باد جا نعرا پڻ درج ٿيل هئا ريلي ۾ شريڪ شهرين مودي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ريلي جي پڄاڻي تي پريس ڪلب آڏو اڳواڻن خطاب پڻ ڪيو اڳواڻن چوڻ هو ته سنڌ طاس معاهدو بين الاقوامي معاهدو آهي جنهن جي خلاف ورزي نه صرف علائقائي امن لاءِ خطرو آهي جڏهن ته پاڪستان جي آبي وسيلن تي سڌو قبضو آهي مودي هوش کان ڪم وٺي جنگ مڙهي وئي ته پاڪ فوج به تيار آهي ۽ پاڪستان ايٽمي طاقت آهي ڀارت کي ڀرپور نموني جواب ڏيو رڳو پاڪ فوج نه پر پاڪستان جي عوام به پاڪ فوج سان گڏ آهي مودي سرڪار کي هر محاذ تي جنگ هجي يا سفارتي طور تي به شڪست ڏبي پهلگام واقعو پاڪستان جي خلاف هٿرادو ٺهيل ڊرامو آهي جڏهن ته ڪيترن ئي ملڪن پڻ هن واقعي کي ڀارت پاران هٿ سان ٺاهيل ڊرامو قرار ڏئي ڇڏيو آهي جيڪا ڀارت جي پڻ شڪست آهي ۽ ان کي تسليم ڪري، ۽ شهرين پاران مودي سان نفرت جو اظهار ڪندي نريندر مودي جي پتلي تي لعنتون ڏنيون ويون ۽ مودي جي پتلي کي ساڙيو ويو.

بقايا 21

ٻارن جي اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب ٻن ڏينهن جو معصوم ٻارڙو فوت ٿي ويو جنهن بعد متاثر خاندان ۽ علائقي واسين پاران نوابشاهه پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج دوران ٻارڙي جي ماءُ ۽ پيءُ زاروقطار روئندا رهيا. مرحوم ٻارڙي جو والد فهيم قريشي صحافين سان ڳالهائيندي ڏکندڙ آواز ۽ ڳوڙهن سان ٻڌايو ته "منهنجو ٻارڙو صرف ٻه ڏينهن اڳ ڄائو هو اسان احتياطن چيڪ اپ لاءِ ڪيس قاضي احمد روڊ تي موجود ٻارن جي اسپتال وٺي وياسين اتي سيڪواٽ ڊاڪٽرن ڪنهن به خاص طبي حالتن جي ڄاڻ کان بغير اسان جي ٻار کي زوري طور ايڊميٽ ڪيو "فهيم قريشي جو چوڻ هو ته "ڊاڪٽرن بغير وضاحت جي انجيڪشن هنيو ۽ ٿوري دير اندر ئي منهنجي ٻار جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي مون بار بار ڊاڪٽرن کي دانهن ڏني ته ٻارڙي کي ڪجهه ٿي رهيو آهي، پر ڪنهن به ڌيان نه ڏنو آخرڪار انهن هڪ هيوي ڊوز ڏئي منهنجي گل جهڙي ٻارڙي کي ماري ڇڏيو " احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته اسپتال ۾ تجربيڪار عملي جي کوٽ، سيڪواٽ ڊاڪٽرن جي مقرري ۽ بيحسيءَ سبب روزانو ڪيترائي ٻار متاثر ٿين ٿا هنن چيو ته هي واقعو ڪنهن هڪ خاندان سان ظلم ناهي پر هر انهي ماءُ پيءُ سان ٿي سگهي ٿو جيڪو پنهنجي ٻار جي صحت لاءِ اسپتالن تي ڀاڙيندو آهي متاثر خاندان سنڌ حڪومت، صحت کاتي جي صوبائي وزير ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي، غفلت جا ذميوار ڊاڪٽر فوري طور گرفتار ڪيا وڃن، اسپتال جي انتظاميه خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي احتجاج جو سلسلو دير تائين جاري رهيو جڏهن ته انتظاميه جي طرفان تڏهن تائين ڪنهن به قسم جو بيان جاري نه ڪيو ويو

بقايا 22

سرن جا پنج ميٽر ويڪرا اوچا پليٽ فارم حقيقي پٿر نما چرٽ ڪاسي جا مٽيا مليا، لاکين جي دڙي جا چار دور ملن ٿا هڪ دور زمين جي هيٺ ٽي دور زمين جي مٿان آهن غلام مصطفيٰ شر خبر موجب سکر جي تاريخي ماڳ لاکين جو دڙي جي ثقافت کاتي جي آثار قديمي کاتي جي طرفان آرڪيالاجي شعبي لطيف يونيورسٽي جي اڳوڻي چيئرمين چيئرمين غلام مصطفيٰ شر ۽ ثقافت کاتي آثار قديم سکر جو ڊائريڪٽر خير محمد قريشي جي نگراني ۾ چاليهون پيرو ڪوٽائي شروع ڪئي وئي آهي جيڪا 15 مئي تائين جاري رهندو ڪوٽائي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور آرڪيالاجي شعبي جا شاگرد حصو وٺي رهيا آهن غلام مصطفيٰ شر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪوٽائي دوران ڪچين سرن جا پنج ميٽر اوچا ۽ پنج ميٽر ويڪرا پليٽ فارم مليا آهن جيڪي ان دور ۾ هتي رهندڙ ماڻهن ٻوڏ کان بچاءَ جي لاءِ ٺاهيا هئا ساڳئي انداز وارا پليٽ فارم موهن جو دڙو ڪوٽڏيجي جي پرسان ڏيجي جي دڙي تان پڻ مليا هئا. اهي پليٽ فارم اوچا ان جي ڪري ٺاهيا ويا هئا ته جيئن ٻوڏ، برسات جو پاڻي گهرن کي ٻوڙي نه سگهي. لاکين جي دڙي جا چار دور ملن ٿا ٽي دور زمين هيٺ آهن هڪ دور زمين مٿان آهي جنهن جي نشاندهي ڪئي آهي ڪوٽائي دوران حقيقي پٿر نما چرٽ ,جيڪي طور ماپ ۾ ڪم ايندا هئا. جن کي بيندبيٽ چرٽ چوندا آهن ان کان علاوه ڪاسي جا مٽيا ۽ ٻيو گهڻو سامان مليو آهي هن وقت ٻارنهن هنڌن تان ڪوٽائي هلي پئي ڪوٽائي جي هڪ مهيني جي عرصي دوران پوري دڙي جي رخ ۽ ٽائون پلاننگ کي ڏسنداسين هن چيو ته هتان جا ماڻهو گهر ڪن ٿا ته ملندڙ قديمي آثار کولي رکيو ۽ ملندڙ سامان به دڙي تي ميوزيم ٺاهي رکيو وڃي ڏسڻ جي لاءِ ان سلسلي ۾ هن چيو ته ڊي جي آرڪيالاجي سان ڳالهائينداس ته ملندڙ آثارن کي لوڻ کان صاف مٽي جا ته چاڙهي محفوظ ڪيون ڪوشش آهي ته ميوزيم به دڙي ٺاهيو وڃي

بقايا 23

نثار شيخ جي اڳواڻي ۾ بجلي ڪمپنين جي نجڪاري ۽ 11 ڪي وي فيڊرز جي آئوٽ سورسنگ خلاف روڊن تي نڪري آيا انهن پنهنجن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ايس اي آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي جيڪا شهر جي مختلف روڊن رستن کان ٿيندي جناح باغ چوڪ پهتي جتي ڌرڻو هڻي ملازمن هٿن ۾ جهنڊا کڻي نجڪاري خلاف نعريبازي پڻ ڪئي ان موقعي تي نثار شيخ، عبدالله سومرو علي محمد جتوئي محمود پٺاڻ هادي بخش جتوئي رياض سانگي رياض پٽي خرم ميمڻ وسيم جتوئي غلام مصطفيٰ چانڊيو ناهيد جتوئي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حڪومت آءِ ايم ايف جي حڪم تي بجلي ڪمپنين جي نجڪاري ڪري رهي آهي. جنهن ۾ گيپڪو ليسڪو ۽ آءِ ايس ڪو شامل آهن جنهن کان پوءِ ڪمپنين جي ملازمن کي بيروزگار ڪيو ويندو جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو انهن چيو ته سيپڪو سميت سڀني ڪمپنيز ۾ ملازمن جي کوٽ آهي ۽ اسان جو هڪ مزدور پنجن مزدورن جو ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته انهن کي ملندڙ مراعتون به واپس ورتي ويون آهن انهن سڀني ملازمن کي نوڪرين مان ڪڍڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن جيڪو فوري طور تي بند ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا 24

پوليس مقابلي ۾ انجام تائين پهچايو جيڪا صحافين جي مسلسل جدوجهد جو نتيجو آهي جو SUJ، PFUJ، سکر پريس ڪلب ۽ خاص طور تي لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي وئي. سکر پريس ڪلب جي صحافي دوستن جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ لڳاتار 210 ڏينهن کان به وڌيڪ احتجاج جاري رکيو جنهن سان تاريخ رقم ڪئي وئي. لالا اسد پٺاڻ جو عزم هو ته جيسيتائين قاتل گرفتار نه ٿا ٿين يا انجام تائين نه پهچن تيسيتائين هو چين سان نه ويهندو ۽ هن پنهنجو واعدو نڀايو هيءَ ڪاميابي سموري صحافي برادري جي اتحاد، عزم ۽ بي مثال احتجاجي تحريڪ جو نتيجو آهي جنهن جي مثال دنيا ۾ گهٽ ٿي ملندي آهي. لالا اسد پٺاڻ نه رڳو احتجاج جي ميدان ۾ قيادت ڪئي، پر هر فورم تي به هن ڪيس جي وڪالت ڪئي سندس انٿڪ محنت بلند آواز ۽ مستقل مزاجي اهڙو دٻاءُ پيدا ڪيو جو سمورين ايجنسين فورسز ۽ پوليس کي ڪارروائي ڪري قاتل کي انجام تائين پهچائڻ تي مجبور ڪيو شهيد جان محمد مهر جي قرباني ضايع نه وئي

بقايا 25

نيازي چيو آهي ته ڏوهاري ڪيترو به بااثر شخص ڇو نه هجي پر قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي پهچ سڀني کان مٿانهون آهي هو پنهنجي آفيس ۾ ايندڙ ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو هن پنهنجي آفيس ۾ عوام جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن کي حل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي جو چوڻ هو ته متاثرين کي گهرجي ته پنهنجا مسئلا حد جي پوليس آفيسر کي ٻڌايا وڃن جيڪڏهن حد جي پوليس ازالو نه ڪري ته ان آفيسر خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي ايس ايس پي خيرپور عوام جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ايس ايڇ اوز ۽ ڊي ايس پيز کي بروقت حڪم جاري ڪيا. ايس ايس پي خيرپور حسن سردار نيازي چيو ته منهنجي آفيس جا دروازا عوام کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ هميشه کليل آهن

بقايا 26

طوفاني برسات کان پوءِ چيئرمين ڏڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال ٽائون جي مختلف يوسيز جو دورو ڪري برساتي پاڻي جي نيڪال صفائي ستھرائي، لائيٽنگ سميت ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو جتي هن يوسي جي مختلف ماڻهن سان ملاقاتون ڪري مسئلا معلوم ڪري تڪڙي تي حل ڪري ڇڏيا جنهن دوران يوسي جي عوام ٽائون چيئرمين شاهه رخ انور سيال کي پنهنجي وچ ۾ ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪندي سنڌس مٿان گلن جي ورکا ڪئي ان موقعي تي چيئرمين شاهه رخ انور سيال جو چوڻ هو ته پارٽي قيادت جي هدايتن تي لاڙڪاڻي شهر ۾ طوفاني برسات کان پوءِ يوسي جي سمورن علائقن مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرايو ويو آهي ان لاءِ اڄ ٽائون جي سمورن يوسيز جو دورو ڪري برساتي پاڻي جي نيڪال صفائي ستھرائي، لائيٽنگ ۽ جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو آهي ته جيئن ٽائون جي عوام کي سندن در تائين بنيادي سهولتون ميسر ٿي سگهن

بقايا 27

سخت ڪارروائي ڪري ايندڙ ويندڙ گاڏين کان ڀتو وصول ڪرڻ جي الزام ۾ سسپينڊ، لائن ڪلوز ۽ لاڪپ اپ ڪري ڇڏيو جنهن بعد ڊي ايس پي سٽي نوابشاهه کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو جنهن اسٽاف خلاف ڪارروائي ڪري لاڪپ ڪيو ويو انهن ۾ اي ايس آءِ اطهر علي چنه ، ڪانسٽيبل مصري خان، ڪانسٽيبل ساجن علي ۽ ڪانسٽيبل آصف علي شامل آهن هوڏانهن ايس ايس پي شهيد بينظير آباد شبير احمد سيٺار ڪارروائي ڪرڻ بعد جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پوليس کاتي جو نالو بدنام ڪرڻ وارن کي ڪڏهن به بخش نه ڪيو ويندو ۽ اهڙا ماڻهو پوليس ۾ ڪارين رڍن جيان آهن جن خلاف محڪماڻي ڪارروائي ڪئي ويندي ڇاڪاڻ جو جيڪڏهن پوليس جو معيار ڪريو ته عوام جو اعتماد کڄي ويندو ۽ اعتماد کڄڻ بعد پوليس جو وقار برقرار نه رهي سگهندو ان ڪري اهڙي ڪنهن به پوليس آفيسر يا اهلڪار کي برداشت نه ڪيو ويندو.

بقايا 28

ڏينهن دوران گشت پوليس هڪ منشيات فروش ۽ پنجن پرچي جوا ڊيلرن کي گرفتار ڪيو ترجمان ايس ايس پي سکر موجب .ايس ايڇ او سنگرار ٿاڻو پاران منشيات فروش اختر حسين عرف بابو ولد اميرالدين ڪوسو رهواسي غلام ڳوٺ کي گرفتار ڪيو ويو جنهن جي قبضي مان شراب جون 5 بوتلون هٿ ڪيون ويون جوابدار خلاف منشيات حد آرڊيننس جي شق 3/4 تحت ڪيس نمبر 10/2025 داخل ڪيو ويو آهي اهڙي ريت اي سيڪشن پوليس ٽانگا اسٽينڊ, ڏڪ روڊ تي ڇاپو هڻي 5 آڪڙا پرچي ڊيلرن محمد مقيم راجپوت، نصرالله شيخ اسلم راجپوت، شبير ڪلوڙ ۽ قول جي ولد فوجواڻ سوچي کي گرفتار ڪيو ويو انهن جي قبضي مان هزارين رپيا نقد رقم آڪڙا پرچي جون رسيد بڪون ۽ موبائيل فون هٿ ڪيا ويا. سندن خلاف جوا ايڪٽ شق 5_A، 294_A، 294_B تحت ڪيس نمبر 136/25 داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 29

سانگهڙ هائيڊرو اليڪٽرڪ سيلاز ايسوسيئيشن پاران واپڊا جي تجويز ڪيل نجڪاري خلاف سانگهڙ پريس ڪلب جي سامهون هڪ پرامن احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ واپڊا ملازمن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، جن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا جن تي نجڪاري خلاف نعرا لکيل هئا. احتجاج جي اڳواڻي شيرعلي نظاماڻي، عزيز ڪياني ۽ ٻين مزدور اڳواڻن ڪئي مظاهرين نجڪاري جي فيصلي کي ملازمن جو معاشي قتل قرار ڏنو ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته واپڊا کي خانگي شعبي جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو فوري طور تي واپس ورتو وڃي. ان موقعي تي ڳالهائيندي شير علي نظاماڻي چيو ته ماضي ۾ جڏهن مختلف سرڪاري ادارا خانگي شعبي جي حوالي ڪيا ويا ته نتيجا تمام مايوس ڪندڙ هئا. هن چيو ته ريلوي، پي آءِ اي، اسٽيل مل، پي ٽي سي ايل سميت ڪيترائي ادارا نجڪاري کان پوءِ تباهي جي ڪناري تي پهچي ويا آهن هاڻي واپڊا جهڙو منافعي بخش ادارو به مالي مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي ان کي خانگي هٿن ۾ ڏيڻ ملڪ جي مفاد جي خلاف آهي هن وڌيڪ چيو ته مهانگائي آسمان سان ڳالهيون ڪري رهي آهي جڏهن ته سرڪاري ملازمن جون پگهارون ساڳيون آهن هن مطالبو ڪيو ته نه رڳو واپڊا جي نجڪاري کي روڪيو وڃي پر موجوده معاشي حالتن کي نظر ۾ رکندي ملازمن جي پگهارن ۾ به خاطر خواهه واڌ ڪئي وڃي ته جيئن اهي پنهنجا گهريلو خرچ پورا ڪري سگهن احتجاج ۾ حصو وٺندڙ ٻين اڳواڻن به پنهنجي تقريرن ۾ حڪومت کي خبردار ڪيو ته جيڪڏهن واپڊا کي نجڪاري جي فيصلي تي نظرثاني نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو سڄي ملڪ ۾ وڌايو ويندو ۽ هر سطح تي مڪمل مزاحمت پيش ڪئي ويندي احتجاج پرامن طور تي ختم ٿيو جڏهن ته مظاهرين پنهنجن مطالبن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو

بقايا 30

ڪيمر سان گڏ ڇاپي دوران سانگي شاخ تي ٻالاڻي يوسي چيئرمين ۽ سنڌس ڀائرن پاران غير قانوني جهٽا ۽ لفٽ مشينون هڻي پاڻي چوري ڪئي پئي ايس ڊي او ٽريڪٽر ڪيرائي ڇڏيا ايس ڊي او ڇاپي دوران ويڊيو بيان چيو ته يوسي راڄو ڪيريو جي چيئرمين ظفر ڪيريو ۽ سنڌس ڀائرن طرفان ڊينگو شاخ ۾ اندر ڪيٽر وسيلي غيرقانوني لفٽ مشين سان پاڻي چوري ٿي رهيو جيڪو بروقت پهچي بند ڪرايو آهي وڌيڪ ليٽر جاري ڪري ڪيس داخل ڪرايو ويندو هن چيو ته جا اهڙي صورتحال ۾ شاخ کي مڪمل بند ڪرائجي يا پڇڙي جي آبادگار انهن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏجي ٻئي پاسي سانگي شاخ جي آبادگارن امتياز چانڊيو نثار ڪيريو ۽ ٻين چيو ته ڊينگو شاخ جي پڇڙي ۾ مسلسل پاڻي جي کوٽ سبب هزارين ايڪڙ زمين بنجر بڻجي وئي آهي اسان جي احتجاجن دوران ڪنهن به نوٽيس نه ورتو هنن چيو ته مٿي جا بااثر سرعام 20 کان مٿي پاڻي چوري جا جهٽا هنيو ويٺا آهن پر آبادگارن بااثر هجڻ ڪري ڪو به ڪيس داخل نه پيو ٿئي هنن چيو پڇڙي ۾ پاڻي فراهم ڪري آبادگارن سان بيچيني ختم ڪئي وڃي...

بقايا 31

جو دورو وومين ڪاليج خيرپور ۾ اوچتي پهچي ڪاليج انتظاميه کي ڪاپي ڪلچر خلاف تحرڪ وٺڻ جو هدايتون ڏنيون هوڏانهن ڊي سي خيرپور ميرس جي هدايت تحت اي سي خيرپور ميرس ارسلان حيدر ڦلپوٽو جو گورنمنٽ سپيريئر سائنس ڪاليج گرلز هاءِ اسڪول خيرپور ميرس جي امتحاني سينٽرن جو دورو 8 ڪاپي ڪيس ڪيا ويا اي سي خيرپور ميرس سينٽرن جي مقرر ٽيچرز کي هدايت ڪئي ته ڪاپي ڪلچر وارو نظام ڪنهن صورت برداشت نه ڪيو ويندو اي سي صوبوديرو ڊاڪٽر رانا حسيب جو سجل سرمست ڪاليج راڻي پور جو دورو اي سي رانا حسيب تعليم کاتي جي ايڪٽ مطابق 30 موبائل فون ضبط ڪندي 23 شاگردن تي ڪاپي ڪيس ڪري ڇڏيا. ڊي سي خيرپور ميرس جي هدايت تحت اي سي ڪوٽ ڏجي دريا خان چانڊيو جو امتحاني سينٽرن جو دورو دوري دوران شاگردن پاران جوابي پيپر بابت آگاهي نه هجڻ جي شڪايت تي اي سي ڪوٽ ڏجي دريا خان چانڊيو ٽيچرس ۽ مقرر ايڪسٽرنلز کي هدايت ڪئي ته شاگردن کي نموني طور آگاهي ۽ جوابي ڪاپي ڀرڻ بابت عملي طور ٻڌايو وڃي

بقايا 32

خان چانڊيو گذريل ڏينهن کان وٺي لاپتا آهن ڪلهه اسان وٽ پوليس به آئين هئي ته توهان مٿان رئيس امام علي چانڊيو فريادي آهي : بانڪو خاتون رپورٽ موجب وڳڻ ۾ وارهه واسڻ عورت جو معصوم ٻارڙن سميت احتجاج پوليس تي ٻن گهروارن کي گم ڪرڻ جو الزام خبر موجب ڳوٺ ذوالفقار چولياڻي جي رهواسڻ مسمات بانڪو خاتون طرفان پنهنجي پٽ شير خان سان گڏجي احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جا ٻه همراهه ساڻي خان چانڊيو ۽ حسن خان چانڊيو گذريل ڏينهن کان وٺي لاپتا آهن ڪلهه اسان وٽ پوليس به آئين هئي ته توهان مٿان رئيس امام علي چانڊيو فريادي آهي خبر ناهي اسان جا همراهه ڪنهن ماري ڇڏيا آهن يا پوليس گرفتار ڪيا آهن ته گرفتاري ظاهر ڪري جيئن اسان سان بيچيني ختم ٿي سگهي اسان سخت پريشان آهيون هنن چيو ته اسان جو مسئلو رئيس امام علي چانڊيو سان هلندڙ آهي وڌيڪ هنن الزام هڻندي چيو ته امام علي چانڊيو عبدالحق چانڊيو رياض چانڊيو فيض خان چانڊيو حسن علي عبدالحفيظ وارن اسان جي ڳوٺ ۾ موجود جڳهين تي به قبضو ڪيو آهي اسان کي ڌمڪيون به ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته اسان کي خطرو آهي ته ڪٿي اسان جا همراهه ماري نه ڇڏين هنن ايس ايس پي قمبر ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو آءِ جي سنڌ ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان غريب مسڪين آهيون نوٽيس وٺي اسان جي ماڻهن جو پتو لڳائي اسان جا ماڻهون بازياب ڪرائي اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 33

شهدادپور ٽائون ڪميٽي جنيا جي رهواسڻ هندو ناري ارميلا ڌي ڪالوداس ڀيل شريعت محمدي موجب مسلمان ٿي جنيا جي رهواسي عادل ولد وزير پٽي سان سانگهڙ جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪري ڇڏيو پريميڪا ارميلا جو مسلمان ٿيڻ کان پوءِ سنڌس نئون نالو فضا رکيو ويو فضا زال عادل پٽي ميڊيا کي ٻڌايو ته منهنجا مائٽ ڪالوداس ڀيل مئور ڀيل وکي ڀيل سميت ٻيا برادري جا ماڻهون منهنجي فيصلي ۾ خوش ناهن جيڪي منهنجي مڙس عادل ۽ سنڌس مائٽن تي ڪوڙا ڪيس ۽ ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن مان پنهنجي مڙس سان خوش آهيان هن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي سانگهڙ ڊي ايس پي شهدادپور ايس ايڇ او شهدادپور کان تحفظ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 34

دورو ڪيو جتي هن ٻين ريلوي آفيسرن سان گڏ اسٽيشن تي موجود سهولتن، صفائي سيڪيورٽي انتظامن ۽ مسافرن کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو ان سان گڏ محمد ابراهيم محسن علي سيال، ضياء جبان مقصود اعوان، ارسلان علي، غلام ياسين ۽ اعجاز احمد پڻ موجود هئا. ڊي ايس شاهد عباس ملڪ اسٽيشن جي ٻاهران وي آءِ پي پارڪنگ، عام پارڪنگ ايريا، اسڪيننگ مشين ۽ چوڌاري سيڪيورٽي جي صورتحال جو معائنو ڪيو هن ايس پي ريلوي جي مدد ۽ ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي چيو ته سيڪيورٽي جا موجوده قدم اطمينان بخش آهن پر بهتري جي هميشه گنجائش رهندي آهي بعد ۾ ڊي ايس سکر اسٽيشن جي ڇهني پليٽفارمن جو به دورو ڪيو ۽ صفائي جي صورتحال تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي، لاڳاپيل عملي کي سخت هدايتون ڏنيون ته صفائي جو نظام وڌيڪ موثر بڻايو وڃي ۽ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي هن پليٽفارمن تي موجود خوراڪ جي اسٽالن جو پڻ جائزو ورتو ۽ اتي موجود شين جي معيار جي جانچ ڪئي. ڊي ايس ريلويز عملدارن کي هدايت ڪئي ته روزانو جي بنياد تي انهن اسٽالن جي چڪاس يقيني بڻائي وڃي، ته جيئن مسافرن کي معياري ۽ محفوظ خوراڪ فراهم ڪري سگهجي ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهد عباس ملڪ چيو ته :"پاڪستان ريلويز جو مقصد صرف سفر جي سهولت فراهم ڪرڻ ناهي پر مسافرن کي محفوظ، آرامده ۽ معياري سهولتون ڏيڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي هن ٻڌايو ته شڪايت باڪس اسٽيشن تي جڳهين تي لڳايا ويا آهن ۽ سڀني شڪايتن کي روزانو جي بنياد تي پاڻ چيڪ ڪرائي 24 ڪلاڪن اندر حل ڪرڻ جو عمل جاري آهي ڊي ايس شاهد عباس ملڪ وڌيڪ ٻڌايو ته روهڙي اسٽيشن تي لڳايل اسڪيننگ مشين جلد آپريشنل ڪئي ويندي سيڪيورٽي جي بهتري لاءِ جديد سي ٽي وي ڪيمرا پڻ لڳايا پيا وڃن جيڪي جلد فعال ٿيندا اسٽيشن تي واٽر فلٽر پلانٽ کي به جلد بحال ڪري فعال ڪيو ويندو ته جيئن مسافرن کي صاف ۽ ٿڌو پاڻي فراهم ڪري سگهجي هن آخر ۾ چيو ته "اهي سڀئي قدم مسافرن کي بهترين سهولتون ڏيڻ ۽ ريلوي نظام کي جديد ۽ فعال بڻائڻ جي طرف اهم قدم آهن

بقايا 35

ميمڻ حڪومت پاران صدارتي آرڊيننس جي ذريعي انڪم ٽيڪس ترميم کي رد ڪندي چيو آهي ته آرڊيننس جي ذريعي ايف بي آر جي ٽيڪس آفيسرن کي لامحدود اختيار ڏيڻ جو فيصلو معيشت دشمن آهي. تجارتي مارڪيٽن ۽ ڪاروباري هنڌن تي ٽيڪس آفيسرن جي تعيناتي ڪنهن به صورت قبول ناهي ايف بي آر کي واپارين برادري جا اڪائونٽن سان بغير ڪنهن نوٽيس يا قانوني ڪارروائي جي پئسا ڪڍائڻ جو اختيار سراسر ڏاڍيل راڄ جي مترادف آهي ايف بي آر کان پهريان ئي ماڻهو خوفزده آهن وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري جي ڪري ماڻهو پريشان آهن ايف بي آر نوٽس، دڪانن تي ڪارروائين جي ڪري معاشري سرگرميون ختم ٿي وڃون آهن هاڻي صدارتي آرڊيننس جي ذريعي انڪم ٽيڪس ترميم سان ايف بي آر جي آفيسرن کي اهي اختيار ڏنا ويا آهن جنهن سان ملڪ ۾ ڪاروبار ڪرڻ مشڪل ٿي ويندو مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان رات جي اونداهي ۾ صدارتي آرڊيننس جي ذريعي انڪم ٽيڪس ترميم جي خلاف جيڪي به احتجاجي لائحه عمل جوڙيندي پوري واپاري برادري ڀرپور ساٿ ڏيندي، اهڙن خيالن جو اظهار هن مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي صدر محمد ڪاشف چوڌري جي صدارت ۾ ويڊيو لنڪ جي ذريعي منعقد ڪيل ملڪ گير مشاورتي اجلاس کي خطاب جي دوران ڪيو ويڊيو لنڪ اجلاس کي خطاب ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ جو وڌيڪ چوڻ هو ته هن ملڪ ۾ جڏهن قومي اسيمبلي سينيٽ موجود آهي ان جي باوجود آرڊيننس جي ذريعي قانون سازي ملڪ ۾ آئين ۽ جمهوريت سان عجيب مذاق آهي، ايف بي آر کي لامحدود اختيار ڏيڻ سان ملڪ ۾ سرمائيڪاري رڪجي ويندي، اهو قدم معيشت دشمني کان علاوه ڪجهه به ناهي حڪومت فوري طور تي صدارتي آرڊيننس جي ذريعي انڪم ٽيڪس ترميم کي واپس وٺي ڪري واپارين سان مشاورت ڪري نه ته ٻئي صورت ۾ تاجر دشمن ترميمي آرڊيننس واپس نه ورتو ويو ته مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جيڪي به احتجاجي لائحه عمل جوڙيندي اسين مرڪزي صدر محمد ڪاشف جي هر سڏ تي لبيڪ چوندي واپارين جي مسئلن جي حل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪنداسين

بقايا 36

رهواسين سجڻ خان ليمون خان سلطان خان سابقي دفتر علي سابقي عوامي پريس ڪلب مليرپريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ڪراچي شهر جو حصو هجڻ باوجود گذريل 15 سالن کان گئس جي سهولت کان محروم آهيون رڌ پچاءُ ڪاٺين تي ڪرڻ سبب سخت اذيت ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون موجوده مهانگائي جي دور ۾ ڪاٺيون توڙي ايل پي جي گئس جا خرچ تمام گهڻا مهانگا آهن 40 فٽن جي فاصلي تي گئس جي مين لائين موجود آهي ڪجهه وقت اڳ منظور ڪيل ڪنيڪشن علائقي ۾ لڳايا ويا جنهن ۾ فقط اسان جي پاسي جا 40 گهر رهجي ويا آهن اسان جي پاڙي ۾ رهندڙ شهري اڪثر پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ آهن هر ڀيري اليڪشن ويجهو اچڻ تي چونڊيل نمائندا گئس جا ڪنيڪشن ڏيڻ جا واعدا ڪندا آهن جيڪي اليڪشن گذرڻ کان پوءِ ٻيهر نظر نه ايندا آهن جيڪو وڏو الميو آهي اسان پاڪستان پيپلزپارٽي جا ووٽر آهيون ڳوٺائن تڪ جي چونڊيل نمائندن ايم اين اي سردار جام عبدالڪريم جوکيو ايم پي اي محمد ساجد جوکيو ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد بلوچ کي اپيل ڪندي چيو ته ساڻن ٿيندڙ زيادتي جو نوٽيس وٺي فوري طور تي ڪين گئس جي فراهمي لاءِ قدم کنيا وڃن ته جيئن هو پريشانين کان بچي سگهن

بقايا 37

شيخ، چيئرمين سب ڊويزن سعيد ڪلهوڙو ، زاهد پتي ممتاز ڦلهو، امين مهيسر ، ممتاز چانڊيو ، عرفان مغل ، شاهد جاتوري ، رفيق جتوئي اڳواڻي ۾ سيپڪو سب ڊويزن ميهڙ آفيس کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ملازمن واپڊا جي نجڪاري ۽ مطالبن جي مڃتا لاءِ زوردار نعريبازي ڪندا رهيا ريلي جي اڳواڻي ڪندڙن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته وفاقي سرڪار واپڊا جي نجڪاري ڪري ملازمن سان ظلم ڪري رهي آهي اسين پوري ملڪ جيئان ميهڙ ۾ هائيڊرو يونين جي مرڪزي اڳواڻن جي سڏ تي پرامن احتجاج ڪيو آهي اگر نجڪاري وارو اعلان واپس نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 38

خان ٿهيم ۾ ٽن گهرن کي اوچتو باهه لڳڻ سبب هر هڪ ارباب ٿهيم ننگر ٿهيم ۽ حاجن عرف بابو ٿهيم جي گهرن کي باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا ڪپڙا پٽيون کٽ سميت سمورو سامان باهه جي ور چڙهي ويو باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مصروف آهن جڏهن ته فائر برگيڊ گاڏي حسب معمول واقعي واري هنڌ ڪافي دير سان پهتي. جڏهن ته باهه لڳڻ جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 39

فزيشن اينڊ سرجنز پاڪستان ريجنل سينٽر لاڙڪاڻو جي پهرين سالگرهه جي افتتاحي تقريب ٿي گڏري عمارت جو افتتاح سي پي ايس پي جي نئين چونڊيل صدر پروفيسر خالد مسعود گونڊل سينيئر نائب صدر پروفيسر محمد شعيب شفي نائب صدر پروفيسر امبرين افضل پروفيسر عامر زمان خان پروفيسر غلام مجتبيٰ پروفيسر وقار عالم جان پروفيسر جهانگير خان پروفيسر عباس ميمڻ پروفيسر مظهر اسحاق پروفيسر عبدالله المتقي ڪائونسلر پروفيسر حاڪم علي ابڙو ريجنل ڊائريڪٽر پروفيسر شبير محمد شيخ ۽ ڪنٽرولر پروفيسر امان الله عباسي گڏجي ڪيو افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي سي پي ايس پي جي صدر پروفيسر خالد مسعود گونڊل چيو ته اسان سي پي ايس پي جي واڌ ويجهه لاءِ تازو عربين گلف يونيورسٽيءَ سان هڪ علمي ياداشت نامو ڪيو آهي جنهن جو سڌو سنئون فائدو ڪاليج آف فزيشن اينڊ سرجنز کي پهچندو ان موقعي تي هن لاڙڪاڻو ريجنل سينٽر جي وڏي توسيعي منصوبي جو اعلان ڪيو جنهن ۾ مسجد، گيسٽ هائوس، ڊائننگ ايريا، پارڪنگ ۽ پارڪ جي تعمير لاءِ بلينڪ چيڪ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته اسان ريجنل سينٽر لاڙڪاڻو کي ملڪ جو هڪ مثالي ادارو بڻائڻ چاهيون ٿا. سنڌس ان اعلان تي فيلوز وڏي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته اتر سنڌ جي پوسٽ گريجوئيٽس ۽ فيلوز لاءِ اها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي تقريب جي ميزباني جي حيثيت سان سي پي ايس پي جي ڪائونسلر حاڪم علي ابڙو آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو اسان سي پي ايس پي ريجنل سينٽر لاڙڪاڻو جي روشن مستقبل لاءِ پراميد آهيون ۽ هن اداري ملڪ سميت ٻاهرين دنيا کي ڪيترائي ماهر ڊاڪٽر ڏنا آهن ان کان پوءِ سي پي ايس پي جي نئين چونڊيل باڊيءَ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو جو پڻ دورو ڪيو جتي پرنسيپال پروفيسر ڊاڪٽر ضمير احمد سومرو ڪين چانڊڪا جي تاريخي حيثيت بابت بريفنگ ڏني

بقايا 40

ڪئي ته عوام جي روينيو سان لاڳاپيل التوا ۾ پيل مسئلن کي فوري طور تي حل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي رليف فراهم ڪري سگهجي. هن اهو به چيو ته آفيسن ۾ ايندڙ ماڻهن کي فوري سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ سمورو عملو وقت تي آفيس ۾ موجود هجي. روينيو عملي جي ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي ان کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر هلندڙ هائير سيڪنڊري امتحاني مرڪزن گورنمينٽ گرلز ڪاليج سانگهڙ ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول پيرومل جو به دورو ڪيو جتي هن شاگردن سان ملاقات ڪئي ۽ تعليم بابت انهن جا خيال ٻڌا هن شاگردن کي هدايت ڪئي ته معياري تعليم کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي، رٽا رٽا سکڻ ۽ نقل ڪرڻ کان پاسو ڪن ۽ پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪن ته جيئن اهي دنيا سان مقابلو ڪري سگهن ۽ عالمي سطح تي هڪ مقام حاصل ڪري سگهن بعد ۾ انهن پرائمري هيلٿ سينٽر پيرومل جو دورو ڪيو ۽ موجود طبي سهولتن جو جائزو ورتو عملي جي حاضري پڻ چيڪ ڪئي. ان موقعي تي صحت کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي ته سرڪاري اسپتالن ۾ ايندڙ غريب ماڻهن کي وڌ کان وڌ طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ عملي جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي دوري دوران ڊپٽي ڪمشنر سڀني لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اهي پنهنجن لاڳاپيل شعبن ۾ بهتري آڻين عملي جي حاضري کي يقيني بڻائين ۽ عوام جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪن ڪنهن به قسم جي غفلت ۽ لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي

جماعت اسلامي سنڌ پاران پاڻي تي ڌاڙي ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف جدوجهد تيز

درياءَ بچايو تحريڪ تحت 18 مئي تي باغ جناح ڪراچي ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ ڀرپور شرڪت جو فيصلو

ڪئنالن جي مسئلي تي پرامن احتجاج ذريعي سنڌ جي عوام سياسي شعور جو مظاهرو ڪيو آهي

سازشون اڃا ختم نه ٿيون، ڪارپوريٽ فارمنگ ڪئنالن کان به وڌيڪ خطرناڪ منصوبو آهي: ڪاشف سعيد

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ پاران ڪارپوريٽ فارمنگ، پاڻي تي ڌاڙي سميت ٻين سنڌ دشمن منصوبن خلاف حافظ نعيم الرحمٰن جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ڪانفرنس سڏائڻ ۽ هر ڊويزن /ڏسو صفحو 3 بقايا 03

ڪراچي: ڪاشف سعيد شيخ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي جي سينيئر صحافي راجا خان گاڏهي جي سالگره ملهائي وئي، ڀيٽا پيش

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي سينيئر صحافي راجا خان گاڏهي جي سالگره /ڏسو صفحو 3 بقايا 04

سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جديد ڊجيٽل دنيا ۾ داخل

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي جي / ڏسو صفحو 3 بقايا 05

تبديلي ضرور ايندي هن سال ۾ اچي يا ٻن سالن ۾: غلام مرتضيٰ جتوئي

خدشو آهي ته جيڪڏهن واقعي ڪارپوريٽ فارمنگ شروع ڪئي وئي ته نيون ڪينالن جو نڪرڻ لازمي ٿيندو،

چولستان، ٿر ۽ ڪاڇي جهڙن علائقن ۾ ماڻهن کي زمينون ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ڏنيون ويون آهن

ڪينال ڇڏڻ صوبن جي رضامندي ڪانسواءِ نه ٿيندا: نوابشاهه ۾ صحافي ڪامران ابڙو جي وارثن سان تعزيت

نوابشاهه (رپورٽر) غلام مرتضيٰ جتوئي جي نوابشاهه آمد، صحافي ڪامران ابڙو جي وارثن سان تعزيت خبر موجب (اين پي پي) /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران ملڪ گير احتجاج، نوابشاهه ۾ ريلي، نعريبازي

خالي اسامين تي ڀرتي ڪئي وڃي، لائن اسٽاف سان ٿيندڙ وڌندڙ حادثن جي روڪٿام لاءِ اثرائتو سرسنگ ڪريو: اڳواڻ

جن ملازمن کي ڏورانهن علائقن ۾ بدلي ڪيو ويو آهي، تن کي سندن اصل شهرن ۾ واپس مقرري ڏني وڃي

نوابشاهه (رپورٽر) واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران ملڪ گير احتجاج، نوابشاهه ۾ ريلي ڪڍي وئي خبر موجب آل /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پهرئين سيمسٽر جا امتحان 19 مئي کان شروع ڪرائڻ جو اعلان

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

امن صرف جنگ سان نه پر گڏيل فيصلن ۽ اتفاق راءِ سان حل ڪرڻ گھرجي: مقرر

خيرپور (د ر) شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن اسٽڊيز /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ساحل پاران ٻارن سان زيادتي جي "ظالمانه انگ اکر 2024" رپورٽ جاري

رپورٽ ۾ 2024 ۾ ٻارن سان جنسي زيادتي جا 3,364 ڪيس رپورٽ

گھڻا مجرم متاثر ٻارن جا واقفڪار هئا، جن ۾ مائٽ، پاڙيسري ۽ مذهبي استاد پڻ شامل

سکر (بيورو رپورٽ) ساحل پاران "ظالمانه انگ اکر 2024" رپورٽ جاري – ٻارن ۽ عورتن سان زيادتي، تشدد، اغوا ۽ ننڍي عمر /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

دڙو ۽ ڀرپاسي هڪ مهيني اندر مليريا جا 6 هزار کان وڌيڪ ڪيس رپورٽ، اسپتالن ۾ پيهه

خانپور، لاڙقپور، بچل گگو، ٻنون، مراد پور، حسين پور، اڪبر شاهه ۽ ڪندور جي مختلف ڳوٺن ۾ مليريا پکڙجڻ لڳي

سرڪاري اسپتال رورل هيلٿ سينٽر دڙو، بي ايڇ يو ڪانڌڙ، لاڙقپور، ٻنون، راهوٽ، ڪوٽ عالمون ۾ هزارين ماڻهو بيماري ۾ ورتجي ويا

دڙو، ٻنون، لاڙقپور ۽ ڀرپاسي جي رهواسين پاران صحت کاتي کان هنگامي بنيادن تي اپاءَ وٺڻ جو مطالبو

دڙو (رپورٽر) دڙو ۽ ڀرپاسي جي مختلف علائقن ۾ مليريا جا چرڪائيندڙ انگ، هڪ مهيني ۾ مليريا جا 6 هزار کان وڌيڪ ڪيس ظاهر، اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ مليريا جي ڪٽن جي شديد کوٽ، حالتون سنگين، /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

دڙو: ضلعي جي مختلف اسپتالن ۾ مليريا ۾ مبتلا ٻارڙن جو علاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ: غلام اصغر لاڪو جي ورسي جي موقعي تي زين شاهه ۽ ٻيا تربت تي دعا گھرندي

اڄ جي ڪارڪنن کي غلام اصغر لاڪو جي سياسي جدوجهد مان سکڻ گھرجي: زين شاهه

غلام اصغر لاڪو سياسي لاڳاپن ڪانسواءِ به سنائي سيدن کي ويجهو رهيو، سندس خلوص ۽ جدوجهد اڄ به ياد آهي

ڪم ۽ ڪردار ڪڏهن به لڪندو ناهي، بلڪ دنيا ۾ ڳايو ويندو آهي: ورسي تقريب کي خطاب

سڪرنڊ (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاهه چيو آهي ته ڪم ۽ ڪردار ڪڏهن به لڪندو ناهي، بلڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 02

سخت گرمي ۾ ڀٽي تي مزدوري ڪندڙ پورهيتن جو اجورو نه وڌيو

ايڏي محنت ۽ مشقت باوجود به تمام گھٽ اجورو ملڻ ڪري ڀٽي جي مالڪن جا قرضي ٿي وڃن ٿا

اسان محنت ڪش پورهيتن جو اجورو وڌايو وڃي: سرن تي ڪم ڪندڙ پورهيت

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ جي علائقي ۾ ڪچيون سرون ٺاهيندڙ ۽ سرن جي ڀٽن تي مزدوري ڪرڻ وارا مزدور سورن ۾ اوٿاري /ڏسو صفحو 3 بقايا 06

سکر: سيپڪو ملازم امڪاني نجڪاري خلاف احتجاج ڪندي

ڀرياسٽي پرسان چنڊ برادري جي ٻن ڌرين ۾ وڻ وڍڻ تان جهيڙو

جهيڙي سبب لٺيون ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا هڪ عورت سميت پنج ڄڻا زخمي

ٻه ڄڻا مير محمد ۽ يوسف چنڊ جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري نواب شاهه اسپتال ريفر

ڀرياسٽي (رپورٽر) ڀرياسٽي پرسان ديهه ٻيلاوه ۾ ڪلهوڙا ۽ چنڊ برادري جي ٻن ڌرين وڻ وڍڻ جي معاملي تان جهيڙو جهيڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

سيٺارجا جي رهواسي جو ڀائرن جي ڏاڍاين خلاف احتجاج

والد گل خان لنڊ مرحوم جي زرعي زمين جو ڀائرن فوتي کاتو تبديل ڪيو آهي: محرم علي لنڊ

مون سميت ڀينرن جي حصي ڏيڻ بدران سموري زمين پنهنجي نالن تي ڪرائي آهي

مون کي ۽ حصو گھرندڙ ڀينرن کي ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ ڀائر ڌمڪيون پيا ڏين

سيٺارجا (رپورٽ: سيد زبير علي شاهه بخاري) سيٺارجا ويجهو ڳوٺ گل خان لنڊ جي رهواسي جو پنهنجي ڀائرن خلاف احتجاج، والد جي زمين ريونيو عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري پنهنجي نالي ڪرائڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

لکين ماڻهن کي بک مارڻ لاءِ حڪمران واپڊا جي نجڪاري جي ڪوشش پيا ڪن: مقصود احمد ملاح

ڪافي سالن کان واپڊا خلاف سازش پئي ٿئي، ٻڌي سبب پورهيت ظالمن جي سازشن کي ناڪام بڻائيندا آهن

اڄ به مرڪزي واپڊا هائيڊرو ليبر يونين جي سڏ تي لکين پورهيت سڀ ڪم ڇڏي نجڪاري کي رد ڪن پيا

سيپڪو ڊويزن راڻيپور پاران اداري جي نجڪاري جي خلاف ريلي، نجڪاري نه کپي جا نعرا

راڻيپور (رپورٽ: ميان اعجاز) گذريل ڪافي سالن کان وٺي واپڊا خلاف سازش ٿي رهي آهي جڏهن ته لکين ماڻهن کي بي روزگار ڪرڻ لکين ماڻهن کي بک مارڻ لاءِ حڪمران واپڊا جي نجڪاري جي ڪوشش /ڏسو صفحو 3 بقايا 01

راڻيپور: واپڊا جي نجڪاري خلاف ملازم احتجاجي مظاهري دوران نعريبازي ڪري رهيا آهن

سکر ۾ سيپڪو جي امڪاني نجڪاري خلاف ۽ جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ملازمن پاران ريلي

ملازمن پنهنجو رت ۽ پگھر ڏئي کاتي کي ترقي جي راهه تي آندو آهي، اداري جي نجڪاري قبول نه ناهي: اڳواڻ

حڪومت فوري طور نجڪاري وارو فيصلو واپس وٺي ملازمن جي اندر پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪري

محنتي ملازمن کي سندن جائز حق ڏنا وڃن، ملازمن کي ميڊيڪل الائونس فوري طور تي ڏنو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) سيپڪو جي امڪاني نجڪاري خلاف ۽ جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ سينٽرل ورڪرز يونين (سي بي اي) سيپڪو سکر جي اڳواڻيءَ ۾ ملازمن /ڏسو صفحو 3 بقايا 07

پڪو شهر ۾ پيل برسات انتظاميه جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي

شهر جي مختلف علائقن جو پاڻي نيڪال نه ٿي سگھيو انتظاميه هينڊر تائين ڪي به جوڳا اپاءَ نه ورتا

انتظاميه شهر مان برسات جو پاڻي نيڪال نه ڪرائي سگھي آهي شهر ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ پاڻي بيهه جي ور

پڪو (رپورٽر) پڪو شهر ۾ پيل برسات انتظاميه جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي شهر جي مختلف علائقن جو پاڻي نيڪال نه ٿي /ڏسو صفحو 3 بقايا 08

باقراڻي ۾ پيرسن پاران ڀائرن ۽ ڀائٽين جي ناجائزين خلاف احتجاج، دانهون

ڀائرن ۽ ڀائٽين منهنجو جيئڻ جنجال ڪيو آهي، سندن ڌڪن ۽ فسادن سان ڪو به واسطو ناهي

مان اڪيلو رهندو آهيان، مزدوري ڪري پيٽ پاليندو آهيان، رات جو پريس ڪلب جي چوڪيداري ڪندو آهيان

باقراڻي (رپورٽر) باقراڻي ۾ پيرسن پورهيت پاران ڀائرن ۽ ڀائٽين جي ناجائزين خلاف احتجاج، منهنجي ڀائرن ۽ ڀائٽين /ڏسو صفحو 3 بقايا 09

باقراڻي: پيرسن ڀائرن ۽ ڀائٽين جي ڏاڍاين خلاف احتجاج ڪندي

پيروسڻ ۾ عورت جو پيءُ جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف پٽن سميت ڀائرن خلاف احتجاج

ڳوٺ محمد پنجل شر ۾ پيءُ جي زرعي ملڪيت 8 ايڪڙن مان حصو گھرڻ تي ڌمڪيون پيون ملن:

اسان هڪ جريب زمين خريد ڪئي، جنهن جا سڀ دستاويز به اسان وٽ موجود آهن: مسمات غلام ظهران

اسانکي پنهنجي پيءُ جي ملڪيت مان حصو ڏئي ۽ جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪريو: مطالبو

پيروسڻ (رپورٽر) پيروسڻ پرسان ڳوٺ محمد پنجل شر ۾ عورت جو پيءُ جي ملڪيت مان حصو نه ملڻ خلاف پٽن سميت ڀائرن خلاف پريس ڪلب تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

پيروسڻ: رهواسي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪندي

نصيرآباد ۾ بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري اتحاد طرفان احتجاج

سيپڪو عملدارن شهرين کي هٽرادو ڊيٽيڪشن بل ڏوڙيا آهن هي ماڻهون سڌرڻا ئي ناهن: اڳواڻ

عوام دشمن کي شهر اندر ڪڏهن به برداشت ڪونه ڪيو ويندو، پرامن تحريڪ جاري رهندي

شهرواسي سمجهن ٿا ته هي سڄو ڊرامو لائين سپريڊنٽ الطاف موريو جو رچايل آهي، ڪيس هٽايو

نصيرآباد (رپورٽر) بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف شهري اتحاد طرفان چوٿين ڏينهن به ٽوناري محلا کان معشوق علي قلهوتو، عبدالحق ڪانڌڙو، عنايت ٽونيو، عاشق علي ڪلهوڙو، ضمير /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

نصيرآباد: بجلي جي هٽرادو لوڊشيڊنگ خلاف رهواسي احتجاج ڪندي

صحافي جان محمد مهر جي قاتل کي انجام تي پهچائڻ صحافين جي جدوجهد جو نتيجو قرار

پي ايف يو جي، ايس يو جي سکر پريس ڪلب ۽ لالا اسد پٺاڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي وئي

صحافي دوستن جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ لڳاتار 210 ڏينهن کان به وڌيڪ احتجاج جاري رکيو

هيءَ ڪاميابي سموري صحافي برادري جي اتحاد، عزم ۽ بي مثال احتجاجي تحريڪ جو نتيجو آهي: صحافتي اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ هٿيار بندن هٿان قتل ٿي ويل شهيد صحافي جان محمد مهر جو مرڪزي قاتل شيرو مهر کي شڪارپور /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڏوهاري ڪيترو به بااثر ڇو نه هجي پر قانون جي پهچ کان پري ناهي: ايس ايس پي خيرپور

خيرپور (د ر) ايس ايس پي خيرپور حسن سردار /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

لاڙڪاڻو: چيئرمين ڏڙي ٽائون شاهه رخ انور سيال ٽائون جي مختلف يوسيز جو دورو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر ۾ پيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

ڀرياسٽي: مٺي جا آبادگار واهه مان پاڻي چوري ڪري رهيا آهن

نوابشاهه پوليس جي موبائل گشت اسٽاف خلاف سخت ڪارروائي

اسٽاف ڀتو وصول ڪرڻ جي الزام ۾ سسپينڊ، لائن ڪلوز ۽ لاڪ اپ

ڊي ايس پي سٽي نوابشاهه کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري ڇڏيو

سڪرنڊ (رپورٽر) ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد شبير احمد سيٺار تعلقه نوابشاهه پوليس جي موبائل گشت اسٽاف خلاف /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ايس ايس پي سکر جي هدايتن تي سماجي برائين خلاف مهم جاري

پوليس هڪ منشيات فروش ۽ پنجن پرچي جوا ڊيلرن کي گرفتار ڪري ورتو

اي سيڪشن پوليس ٽانگا اسٽينڊ، ڊڪ روڊ تي ڇاپو هڻي 5 آڪڙا پرچي ڊيلرن کي گرفتار ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي منشيات فروش ۽ پرچي جوا خلاف مهم جاري آهي گذريل /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

ڀرياسٽي: سانگي شاخ جي آبپاشي ايس ڊي او پاران پاڻي چوري ڪندڙ باثرن خلاف ڪارروائي

يوسي چيئرمين ۽ سندس ڀائرن پاران غير قانوني جهنگا ۽ لفٽ مشينون هڻي پاڻي چوري تي ڪارروائي ڪئي وئي

غير قانوني لفٽ مشينن سان پاڻي چوري ٿي رهيو جيڪو بروقت پهچي بند ڪرايو آهي: ايس ڊي او

ڀرياسٽي (رپورٽر) سانگي شاخ جي آبپاشي ايس ڊي او پاران پاڻي چوري ڪندڙ باثرن خلاف ڪاروائي ايس ڊي او پاران /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سانگھڙ ۾ هائيڊرو اليڪٽرڪ سپلاءِ ايسوسيئيشن پاران واپڊا جي نجڪاري خلاف احتجاج

مظاهرين نجڪاري جي فيصلي کي ملازمن جو معاشي قتل قرار ڏيندي سانگھڙ پريس ڪلب ٻاهران احتجاج ڪيو

واپڊا کي خانگي شعبي جي حوالي ڪرڻ جو فيصلو فوري طور تي واپس ورتو وڃي: شير علي نظاماڻي ۽ ٻيا

واپڊا جهڙو منافعي بخش ادارو مالي مشڪلاتن کي منهن پيو ڏئي، خانگي هٿن ۾ ڏيڻ ملڪ جي مفاد جي خلاف آهي

سانگھڙ (رپورٽ: غلام رسول ناريجو) سانگھڙ ۾ هائيڊرو اليڪٽرڪ سپلاءِ ايسوسيئيشن پاران واپڊا جي نجڪاري خلاف پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، تفصيل موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

شهدادپور جي پريمي جوڙي پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو

ناري ارميلا ڌي ڪالوداس ڀيل شريعت محمدي موجب مسلمان ٿي عادل ٻڍي نڪاح ڪيو

پريميڪا ارميلا جو مسلمان ٿيڻ کان پوءِ سندس نئون نالو فضا رکيو ويو

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ٽائون جتيا جي پريمي جوڙي سانگھڙ جي عدالت ۾ پيار جو پرڻو ڪري ڇڏيو تحفظ جي گھر خبر موجب /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

شهدادپور: پيار پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪندي

پاڪستان ريلويز جو مقصد صرف سفر جي سهولت فراهم ڪرڻ ناهي: شاهد عباس ملڪ

مسافرن کي محفوظ، آرامده ۽ معياري سهولتون ڏيڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي

ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ پاڪستان ريلويز سکر ريلوي اسٽيشن جي دوري دوران ڳالهيون

سکر (بيورو رپورٽ) ڊويزنل سپرنٽينڊنٽ پاڪستان ريلويز سکر شاهد عباس ملڪ روهڙي جنڪشن ريلوي اسٽيشن تي اوچتو /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ميهڙ ۾ واپڊا جي نجڪاري خلاف ملازمن پاران احتجاجي ريلي، نعريبازي

سيپڪو ميهڙ ڊويزن جي چيئرمين حاجي حسين جتوئي، فهيم اسلم شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

چيئرمين سب ڊويزن سعيد ڪلهوڙو، زاهد پنهور، ممتاز ٿلهو، امين مهيسر، ممتاز چانڊيو ۽ ٻيا پڻ ريلي ۾ موجود

واپڊا جي نجڪاري ظلم آهي، نجڪاري وارو اعلان واپس نه ٿيو ته احتجاج ڪنداسين: اڳواڻ

ميهڙ (رپورٽر) واپڊا جي نجڪاري ۽ واپڊا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ليبر ورڪرز يونين جي مرڪزي سڏ تي سيپڪو ميهڙ ڊويزن جي چيئرمين حاجي حسين جتوئي، فهيم اسلم /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

ميهڙ: رهواسي مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪاليج آف فزيشن اينڊ سرجنز پاڪستان ريجنل سينٽر لاڙڪاڻو جي ٻهرين ماڙ جي افتتاحي تقريب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڪاليج آف / ڏسو صفحو 3 بقايا 39

شهدادپور ويجهو ڳوٺ طيب خان ٿهيم ۾ ٽن گھرن کي اوچتو باهه

شهدادپور (رپورٽر) شهدادپور ويجهو ڳوٺ طيب /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

PRESS CLUB SANGHAR
ملڪ گير احتجاجي ريلي و جلسو

سانگھڙ: واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي واپارين پاران صدارتي آرڊيننس جي ذريعي آندل انڪم ٽيڪس ترميم رد

ايف بي آر جي ٽيڪس آفيسرن کي لامحدود اختيار ڏيڻ جو فيصلو معيشت دشمن قرار

ڪاروباري هنڌن تي ٽيڪس آفيسرن جي تعيناتي مقرري قبول ناهي: حاجي محمد جاويد ميمڻ

سکر (بيورو رپورٽ) مرڪزي تنظيم تاجران پاڪستان جي نائب صدر ۽ سکر اسمال ٽريڊرز جي صدر حاجي محمد جاويد /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

ملير: شيخ پاڙي جي رهواسين جو گئس جي سهولت نه هجڻ خلاف احتجاج

ڪراچي شهر ۾ باوجود 15 سالن کان گئس کان محروم آهيون: رهواسي

ملير (د ر) ڪراچي ملير ميمڻ ڳوٺ شيخ پاڙي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

بدين جي رهواسين پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ پاڪستان زنده باد ريلي

سنڌ طاس معاهدو بين الاقوامي معاهدو آهي جنهن جي خلاف ورزي نه صرف علائقائي امن لاءِ خطرو آهي: اڳواڻ

پاڪستان جي آبي وسيلن تي سڌو قبضو آهي، مودي هوش کان ڪم وٺي، پاڪ فوج به تيار آهي

پاڪستان ايٽمي طاقت آهي ڀارت کي ڀرپور نموني جواب ڏيو پاڪستان جي عوام به پاڪ فوج سان گڏ آهي

بدين (د ر) بدين ۾ مسلم ليگ نون، موٽر سائيڪل ايسوسيئيشن ۽ دفاع پاڪستان زنده باد موومينٽ پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ پاڪستان زنده باد ريلي ڪڍي وئي تفصيل موجب پاڪ فوج /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

بدين: (ن) ليگ ۽ ٻين سياسي سماجي تنظيمن پاران پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پئي وڃي

نوابشاهه ۾ ڊاڪٽرن جي غفلت سبب معصوم ٻارڙو فوت، وارثن جو احتجاج

ٻارڙو صرف ٻه ڏينهن اڳ ڄائو هو، اسان احتياطن چيڪ اپ لاءِ وياسين ته داخل ڪيو ويو: فهيم قريشي

ڊاڪٽرن بغير وضاحت جي انجيڪشن هڻڻ ٻار جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي، منهنجي هڪ نه ٻڌي وئي

واقعو هڪ خاندان سان ظلم ناهي، پر هر انهي ماءُ پيءُ سان آهي جيڪو اولاد لاءِ ڀاڙي ٿو، انصاف ڪيو

نوابشاهه (رپورٽر) ڊاڪٽرن جي غفلت سبب معصوم ٻارڙو فوت، وارثن جو احتجاج، انصاف جي اپيل خبر موجب نوابشاهه جي مشهور قاضي احمد روڊ تي قائم /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

لاکين جي ڏڙي جا چار دور ملن ٿا هڪ دور زمين جي هيٺ ٽي دور زمين جي مٿان آهن: محقق

کوٽائي ۾ ڪچين سرن جا پنج ميٽر ويڪرا اوچا پليٽ فارم، حقيقي پٿر نما ڇت، ٿانون جا ٺڪر مليا: غلام مصطفيٰ شر

ڪچين سرن جا پنج ميٽر اوچا ۽ پنج ميٽر ويڪرا پليٽ فارم مليا، ان دور ۾ هتي رهندڙ ماڻهن ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ ٺاهيا

اهي پليٽ فارم اوچا ان جي ڪري ٺاهيا ويا هئا ته جيئن ٻوڏ، برسات جو پاڻي گھرن کي ٻوڙي نه سگھي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي تاريخي ماڳ لاکين جو دڙي جي چاليهون پيرو ٻارنهن هنڌن تان کوٽائي دوران ڪچين / ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ڊي سي فياض حسين راهوجو پاران يارهين ۽ ٻارهين جماعت جي امتحان جي سينٽرن جو دورو

خيرپور (د ر) ڊپٽي ڪمشنر فياض حسين راهوجو يارهين ۽ ٻارهين جماعت جي امتحان جي ٻئي ڏينهن به مختلف سينٽرن /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

لاڙڪاڻي ۾ اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران واپڊا جي نجڪاري خلاف احتجاج

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين سي بي اي جا سوين مزدور ريجنل چيئرمين /ڏسو صفحو 3 بقايا

وڳڻ ۾ وارهه واسڻ جو پوليس تي ٻن گھرڀاتين کي گم ڪرڻ جو الزام، معصوم ٻارڙن سميت احتجاج

اسان جا ٻه همراهه ساٿي خان چانڊيو ۽ حسن خان چانڊيو گذريل ڏينهن کان وٺي لاپتا آهن: مسمات بانڪو خاتون

اسان وٽ پوليس به آئين هئي ته توهان مٿان رئيس امام علي چانڊيو فريادي آهي خبر نه آهي اسان جا همراهه ڪٿي ماري ڇڏيا پوليس گرفتار ڪيا

اسان جو مسئلو رئيس امام علي چانڊيو سان آهي جن جڳهين تي قبضو ڪيو آهي گرفتاري ظاهر ڪري بيچيني ختم ڪيو: مطالبو

وڳڻ (رپورٽر) وڳڻ ۾ وارهه واسڻ عورت جو معصوم ٻارڙن سميت احتجاج پوليس تي ٻن گھرڀاتين کي گم ڪرڻ جو الزام، اسان جا ٻه همراهه ساٿي خان چانڊيو ۽ حسن /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

پريس ڪانفرنس
SOCIAL SINDH TV NEWS HD

وڳڻ: وارهه جي رهواسڻ ٻارڙن سان پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

سانگھڙ ۾ ڊي سي پاران اي سي ۽ مختيارڪار آفيس جو دورو، روينيو عملي سان ملاقات

عوام جي روينيو سان لاڳاپيل التوا ۾ پيل مسئلن کي فوري طور تي حل ڪيو وڃي: ڊي سي سارا جاويد

ڊي سي امتحاني مرڪزن، گورنمينٽ گرلز ڪاليج سانگھڙ ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول پيرومل جو به دورو ڪيو

معياري تعليم کانسواءِ ترقي ممڪن ناهي، رٽا رٽا سکڻ ۽ نقل ڪرڻ کان پاسو ڪريو: شاگردن کي هدايت

سانگھڙ (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر سانگھڙ سارا جاويد اڄ صبح سوير تعلقي سانگھڙ جي اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪار آفيس جو دورو ڪيو، جتي هن روينيو عملي سان ملاقات ڪئي ۽ انهن کي هدايت /ڏسو صفحو 3 بقايا 40